بسم الله الرحمن الرحيم

تصنيفِ لطيف

## مفتي اعظم شاه محمد مظهر الله دهلوي

# مظهر العقائد

ترتيب

پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد
ايم اي، پي ايچ ڊي.

بين الاقوامي سلسلہ اشاعت نمبر

٨

شرڪت اسلاميہ
مُسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر1 ميرپورخاص (سنڌ) اسلامي جمهوريہ پاڪستان

سلسلو نمبر 4

# مظهر العقائد

مفتي اعظم شاهه محمد مظهر الله دهلوي

رحمة الله تعاليٰ عليه

سنڌيڪار

حافظ عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

شرڪت اسلاميه

مسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر 1، ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريه پاڪستان (1422هه / 2001ع)

بحضور سرورِ کونین صلی اللہ علیہ وسلم

بلغ العلیٰ بکمالہٖ

کشف الدجیٰ بجمالہٖ

حسنت جمیع خصالہٖ

صلوا علیہ وآلہٖ

علیہ الصلوٰۃ والسلام

کلام شیخ سعدی

کتبہٗ گوہر قلم

# فهرست

1. شروعات
2. مذهب
3. عقيدو
4. الله
5. ملائڪ ۽ جن
6. آسماني ڪتاب
7. نبي ۽ رسول
8. حشر ۽ نشر
9. اركان ۽ احڪام
10. ايمان ۽ يقين
11. اهلبيت ۽ اصحاب
12. مجتهد، ولي ۽ عالم

4





بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده و نصلي ونسلم علیٰ رسوله الكريم

واضح رهي تہ جيڪي ڳالهيون دين جي بنيادن سان متعلق آهن انهن کي "عقيده" چيو ويندو آهي. انهن ۾ الله تعالیٰ جي ذات، صفات ۽ ٻين معلوم ڳالهين کي ثابت ڪرڻ جي متعلق گفتگو ٿيندي آهي ۽ انهي مان مقصد هي آهي تہ هر انسان پنهنجي تحقيق سان الله تعالیٰ ۽ انهي جي دين کي سچائي ۽ اکيون بند ڪري بغير سوچ ۽ سمجھ جي دين جي پيروي نہ ڪري. الله تعالیٰ اسان کي پنج قوتون ڏنيون آهن. هڪ ڏسڻ، ٻي ٻڌڻ، ٽين سنگهڻ، چوٿين چکڻ، پنجين ڇوهڻ. ان کي حواس خمسہ ظاهره چيو ويندو آهي) گهٽيون ئي ڳالهيون انهي جي ذريعي معلوم ٿي وينديون آهن پر ڪافي ڪجھ اهڙيون ڳالهيون بہ آهن جيڪي انهن سان معلوم نہ ٿي سگهنديون آهن. جهڙي طرح هي ڳالھ تہ هي دنيا هميشہ کان نہ آهي. تہ اهڙي شين جي حقيقت معلوم ڪرڻ جي لاءِ الله تعالیٰ اسان کي عقل ڏنو آهي، جيئن تہ انهن جي ذريعي معلوم شين جي ملائڻ سان اسان نہ معلوم ڳالهيون سمجهي سگهون. ڪي ڳالهيون اهڙيون هونديون

آهن جن کي نہ حواس معلوم ڪري سگھن ٿا، نہ عقل. تہ انهن کي معلوم ڪرڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ پهرين انهن ٻن ذريعن سان هڪ هستي کي معلوم ڪريو، جنهن جو ڪوڙ ڳالهائڻ ممڪن نہ هجي ۽ جنهن کي ڪوڙ ڳالهائيندي ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺو هجي، پوءِ جيڪي اهو ٻڌائي انهي کي اهڙي طرح سمجهو ڇڻ تہ توهان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي. هاڻي اهڙي شيءِ الله تعاليٰ جي ذات آهي. جنهن کي نہ اسان حواس سان معلوم ڪري سگھون ٿا ۽ نہ عقل سان سمجهي سگھون ٿا. البتہ انهن ٻن ذريعن سان انهن جا آثار ۽ نشانيون سمجهي سگھون ٿا ۽ انهي جاءِ تي پهچي سگھون ٿا. جتي ثوري هدايت (رهبري) سان منزل تائين پهچي وڃون ۽ اها هدايت ان جي رسولن سان ملي تي جن کي الله تعاليٰ پنهنجا معجزا ڏيئي موڪلي ٿو. نہ تہ هر ماڻهو نبوت ۽ رسالت جي دعويٰ ڪري سگھي ٿو. مثال طور اسان جي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ واصحبہ وسلم کي ٻين گھڻن معجزن سان گڏوگڏ سندن بي دماغ سيرت مبارڪ ۽ قرآن ڪريم ڏيئي موڪليائين اهڙي بي داغ سيرت جو وجود بيشڪ هڪ عظيم معجزو هو، جنهن پوري عرب وارن ۽ بعد ۾ سموري جهان کي متاثر ڪيو ۽ قرآن جي معجزي انهن جي هٺڻ جي فخر کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو ۽ اهي بي ساختہ چوڻ لڳا تہ هي ڪنهن انسان جو ڪلام نہ آهي هي فرشتي جو ڪلام آهي جيڪو خدا جي طرف کان آيو آهي، بيشڪ اهو سچو آهي تہ ان جو آڻيندڙ بہ سچو آهي جو ان (صلي الله عليہ وسلم) ڪڏهن بہ دينوي معاملن ۾ بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو آهي پوءِ دين جي معاملي ۾ ڪيئن ڪوڙ ڳالهائي سگھي ٿو.

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ مذهب جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي، ڇا اهي ماڻهو حق تي آهن؟

**جواب:** حقيقت ۾ مذهب جي ان وقت بيزاري جو اظهار ڪيو ويندو آهي جڏهن مذهب کي اهڙي نموني پيش ڪيو وڃي جو ان کي اسان جي ضرورت آهي ۽ اسان کي ان جي ڪا بہ ضرورت ناهي. سچو مذهب اهو آهي جنهن کي انسان جي ضرورت نہ هجي، بلڪ انسان کي انهي جي ضرورت هجي. اوپر ۽ اولهہ جي مفڪرن ۽ انقلاب آڻيندڙن جا حالات پڙهندا تہ معلوم ٿي ويندو تہ انهن سمورن هڪ ئي دين اسلام کان فائدو ورتو آهي ۽ اهو اندازو ٿيندو تہ انسان کي مذهب جي ڪيتري ضرورت آهي. انهي مان ثابت ٿيو تہ مذهب جا مخالف حقن تي نہ آهن.

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ دهرين جو ڪو بہ مذهب نہ آهي، اها تمام سٺي ۽ ڪامياب زندگي گذاري رهيا آهن، تہ پوءِ مذهب جي ڪهڙي ضرورت رهي؟

**جواب:** اهو خيال غلط آهي تہ ڏهرين جو ڪو بہ مذهب نہ آهي در اصل مذهب انهن فڪرن ۽ خيالن جي مجموعي جو نالو آهي جنهن تي زندگي جو بنياد قائم ٿئي ٿو ۽ اهو بنياد ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ دهرين وٽ بہ آهي تہ پوءِ انهن جو مذهب ٿيو. انهي ڪري اهي جيئن ٿا ۽ انهي ڪري اهي مرن ٿا ڪنهن بہ مشترڪ

دستور العمل کانسواءِ ترقي ڪرڻ تي ڇا پر زنده رهڻ بہ مشڪل آهي. اصل ۾ دهريہ ماڻهو اهي احسان فراموش آهن، جيڪي مذهب جي فڪرن ۽ خيالن مان فائدو تہ حاصل ڪن ٿا مگر مذهب کان بيزاري جو اظهار ڪندا آهن. انهن ماڻهن جي اصولن ۽ ضابطن ۾ حضور انور صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جون حديثون ۽ قرآن شريف ۾ آيتن جو هو بهو ترجمون ملي ٿو پر ڇو تہ اهي ڳالهيون انهن ماڻهن نقل ڪيون آهن انهي ڪري اتهن جون سمجهيون وڃن ٿيون ۽ ترقي جو اصل راز عوام جي نظرن کان ڳجهو رهي ٿو. نيڪين ۽ انساني فائدن جو علم ٻن نمونن سان هوندو آهي هڪڙو مذهب جي ذريعي، ٻيو تجربي جي ذريعي پر در اصل اهو مذهب ئي آهي جنهن سڀ کان پهرين انسان کي چڱاين جي طرف متوجہ ڪيو پوءِ ان تجربي جي روشني ۾ ان کي پرکيو ۽ صدين گذرڻ کان پوءِ ان جي حقيقت ظاهر ٿي هاڻي جيڪڏهن ڪو انسان چڱايون ڪري ٿو تہ اهو غير شعوري طور تي مذهب تي عمل ڪري ٿو ڇاهي اهو مڃي يا نہ مڃي مگر اهو مذهب جو احسان مند آهي.

**سوال:** هيءَ جو چيو ويندو آهي تہ مذهب ۾ عقل جو عمل دخل نہ آهي ڇا اهو چوڻ صحيح آهي؟

**جواب:** گهڻ ۾ گهڻ مذهب اسلام جي لاءِ اها صحيح نہ آهي ڇو تہ ان جو بنياد حڪمت تي ٻڌل آهي، ها جيڪڏهن انهي اعتبار سان اها ڳالهہ چئي وڃي تہ عقل جنهن ڳالهہ کي صدين گذرڻ کان پوءِ دريافت ڪري ٿو وحي ان کي هڪڙي گهڙي ۾ ٻڌائي ٿي انهي ڪري عقل تي اعتماد نہ ڪرڻ گهرجي تہ صحيح آهي. مثال طور: جيڪڏهن ڪو چوي تہ هوائي جهاز موجود آهي، ڪار ۾ نہ وڃ تہ ان جو مطلب هي نہ آهي تہ منزل تائين ڪار ۾ نہ پهچي

سگھبو بلڪ مقصد هي آهي تہ جڏهن اهڙو سواري جو ذريعو موجود آهي جيڪو گهڙي ۾ پهچائي ڇڏيندو تہ پوءِ ڪهڙي ضرورت آهي جو وقت جو زيان ڪريون ۽ تڪليف بہ برداشت ڪريون.

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ مذهب انڌي تقليد جو نالو آهي ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي؟

**جواب:** انڌي تقليد سواءِ تہ زندگي ۾ ٻيو ڪو بہ چارو نا نہ آهي. دنيا جا بيشمار ملڪ ۽ شهر آهن. سڀ هر ڪنهن تہ پنهنجي اکين سان انهن ڪي نہ ڏٺو آهي پر سڀ يقين ڪن ٿا ۽ ڪير بہ نہ ٿو چوي تہ پهرين ڏيکاريو تہ پوءِ مڃينداسون اهڙي طرح ڪيترين ئي تاريخي حقيقتون جن ڪي بنا ڏٺي يقين ڪريون ٿا ۽ ڪيترين ئي سائنسي حقيقتون جن ڪي بنا تامل جي تسليم ڪريون ٿا جيڪڏهن يقين جي لاءِ ڏسڻ شرط آهي تہ پوءِ گهرجي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ ڪي بغير ڏسڻ جي نہ مڃي پر جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ تي اسان اسرار ڪيو تہ خود اسان جو وجود ئي مشڪوڪ ٿي وڃي ٿو. ڪنهن ماءُ پيءُ ڪي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي؟ ماڻهن جي چوڻ تي يقين ڪيو ويندو آهي. انهي مرحلي تي اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ جيڪڏهن خبرون ملن ۽ سچيون شاهديون ملن تہ ڪو بہ سبب نہ آهي تہ جو ڏسڻ تي اسرار ڪيو وڃي، اها انڌي تقليد نہ آهي پر دانشمندي آهي پوءِ جڏهن اسان ايترا ڪشاده دل آهيون جو ڪوڙن سچن ماڻهن جي اطلاعن تي ڀروسو ڪري ٿا وٺون تہ پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو انهن مانهن جي اطلاعن تي يقين نہ ڪريون جن جون سيرتون بي داغ آهن، جن جو ڪردار سج وانگر روشن ۽ چمڪندڙ آهي صرف انهي هڪ ڀاراٽي ضد جي ڪري تہ توهان ٻڌايو ٿا تہ اهو اسان نہ ڏٺو آهي.

**سوال:** دنيا ۾ تہ ڪيترائي دين ۽ مذهب آهن پر سچو دين ڪهڙو آهي؟

**جواب:** جهان جي پيدائش کان وٺي اڄ تائين دين تہ هڪ ئي رهيو آهي ۽ اهو اسلام آهي حضرت آدم عليہ السلام، حضرت نوح عليہ السلام، حضرت ابراهيم عليہ السلام، حضرت دائود عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ اسان جي پياري رسول جناب حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن جي دعوت ۽ پيغام هڪ ئي هو پر ٿيو ائين جو پيغام آڻيندڙ کي ياد رکيو ويو ۽ انهي مرڪز علم ۽ حڪمت کي وساريو ويو جتان کان پيغام آيو هو اهڙي طرح هر نبي ۽ رسول سان ذاتي معاملن جي ڪري مختلف دين ۽ مذهب وجود ۾ آيا ۽ اختلاف جون صورتون پيدا ٿيون اها تہ دين ۽ مذهب جي ڳالهہ آهي پر جيڪڏهن دنيا ۾ هڪ بادشاهہ پنهنجي هڪ وزير کي مقرر ڪري ان کان پوءِ ٻئي کي، ٻئي کان پوءِ ٽئين کي مقرر ڪري تہ رعيت تي واجب آهي تہ هر نئين ايندڙ وزير جو حڪم مڃي پر جيڪڏهن انهن هر وزير اعظم سان پنهنجي وفاداري وابستہ ڪئي ۽ بادشاهہ کي وساري ڇڏيائين تہ پوري ملڪ ۾ انتشار جي صورت پيدا ٿي ويندي. انهي ڪري دانائي اها آهي تہ بادشاهہ مطلق تي بہ نظر رکي وڃي ۽ هر ايندڙ جو حڪم بہ مڃيو وڃي ۽ هر ويندڙ جو احترام بہ ڪيو وڃي.

**سوال:** اسلام جي سچائي ۽ حقانيت جو ڪهڙو دليل آهي؟

**جواب:** اسلام جي سچائي ۽ حقانيت جا دليل تہ گهڻا ئي آهي پر سڀ کان وڏو دليل هي آهي تہ اسلام جي ڪنهن ڳالهہ کي عقل اڃا تائين ڪوڙو نہ ڪيو آهي بلڪ جيئن جيئن سائنس ترقي ڪندي وڃي ٿي تيئن تيئن اسلام جي تصديق ٿيندي وڃي ٿي. ان کان سواءِ اسلام جنهن انداز، نموني ۽ جنهن

زبان ۾ پنهنجو پيغام ڏنو هو. اها ڳالهہ چوڏنهن سئو سال گذرڻ جي باوجود اڃا تائين ڪير بہ پيدا نہ ڪري سگهيو آهي ۽ قرآن جي هن چئلينج کي قبول ڪريو سگهيو تہ جيڪڏهن توهان ۾ طاقت آهي تہ قرآن شريف جهڙي هڪ صورت بہ ٺاهي ڏيکاريو. هي هڪ اهڙو اٽلپ دليل آهي. جنهن جو ڪو بہ مثال علم ۽ حڪمت جي تاريخ ۾ نہ ٿو ملي.

**سوال:** دين، شريعت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جواب:** دين مان مراد مذهب جا اهي بنيادي اصول آهن جن جي هر نبي ۽ رسول تعليم ڏني آهي، مثال طور الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ ان جون صفتون نبين سڳورن جو اچڻ خالص خدا جي عبادت ڪرڻ انساني حق ۽ جزا سزا وغيره ۽ شريعت مان مراد اهي احڪامن جا جز آهن. جيڪي هر قوم ۽ مذهب جي زماني ۽ مڪاني خصوصيت جي ڪري بدلجنديون رهن ٿيون. مثال طور عبادت الاهي جا طريقا فاسد عملن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ تدبيرون وغيره ڪرڻ.

**سوال:** ڇا دين ۽ دنيا جدا جدا آهن؟

**جواب:** انهي فرق انسان ذات کي گمراهہ ڪيو آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن انهي فرق کي متايو ۽ ٻڌايو تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي لاءِ دنيا جا ڪم ڪيا وڃن تہ اهو ئي دين آهي، يعني دين جي حقيقت اخلاص وارو عمل آهي جيڪڏهن اهو پيدا ٿي ويو تہ دين ئي دين آهي نہ تہ دين بہ دنيا آهي. انهي ڪري پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن حڪومت ۽ سياست کي دين کان جدا نہ ڪيو بلڪہ دين تي ان جو بنياد رکيائون ۽ اهو واضح ڪري ڏيکاريائون تہ دين ۽ دنيا جدا جدا نہ آهن.

**سوال:** عبادت جو مقصد ڇا آهي؟

12

**جواب:** عبادت جو تصور ٻـن دينـن ۾ مذهبـن جو ڪجهـ اهڙي نمونـي جو آهي، جيڪو اهو هڪ اهڙو عمل آهي، جنهـن جي انسان کي نـ بلڪـ خدا تعاليٰ کي ضرورت آهي، پر دين اسلام ۾ اهو واضح ڪيو ويو آهي تـ خدا تعاليٰ غني آهي ۽ انهيءَ کي ڪنهن شيءِ جي حاجت نـ آهي. انهي ڪري عبادت جي اسان کي ضرورت آهي. هـُن کي نـ آهي ۽ جتي بـ عبادت جو ذڪر اشاري جي طور ڪيو ويو آهي تـ در اصل اسان جي ضرورت جو ئي اظهار ڪيو ويو آهي. جيڪو ڪمالِ شفقت ۽ رحمت آهي. قرآن ڪريم ۾ اسان کان پهريائين دنيا جي ڀلائي جي دعا ڪرائي ۽ پوءِ آخرت جي ڀلائي جي دعا ڪرائي آهي. ڇو تـ آخرت جي ڀلائي دنيا جي ڀلائي تي منحصر آهي تـ (پوءِ) عبادت جو مقصد بـ اهو آهي تـ انسان پنهنجي دنيا بهتر ڪري جيئن تـ ان جي ڀڄاڙي موچاري ٿئي. الله تعاليٰ کي اسان جي عبادت جي ڪا بـ ضرورت ناهي، اهو بي نياز آهي. سورت الاخلاص ۾ نيازمندي جي سمورين صورتن جي نفعي ڪئي ويئي آهي. ارشاد آهي تـ اهو هڪ آهي ڇو تـ بـ هجن ها تـ ٻئي جو نياز مند ٿيڻو پوي ها. اهو بي نياز آهي، جيڪڏهن نيازمند هجي ها تـ حڪومت ڪهڙي طرح هلائي ها. نـ تـ ان مان ڪو پيدا ٿيو آهي جيڪڏهن پيدا ٿئي ها تـ زندگي جي ڪهڙي مرحلي تي اولاد جي مدد جي ضرورت پوي ٿي تـ اهو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي. ڇو تـ ولادت جي پهرين مرحلي ۾ ماءُ پيءُ جي شفقت جي ضرورت هوندي آهي. ان جو ڪو بـ مثل نـ آهي. جيڪڏهن مثل هجي ها تـ انهي کي ٿاهي رکڻ جي ضرورت رهي ها تـ جيئن جهان جي نظام ۾ بدنظمي پيدا نـ ٿئي. الفرض تـ اضطراري ضرورتن جون جيتريون صورتون هيون انهن سمورين جي نفعي فرمائي ۽ اختياري ضرورتن کي انهي ڪري بيان نـ فرمايائون ڇو تـ

13

جيڪو اضطراري ضرورتن کان پاڪ آهي تـ يقينن اهو اختياري ضرورتن کان بـ پاڪ هوندو تـ اهڙي بي نياز کي نياز مند ڪيئن ٿو چئي سگهجي. بيشڪ عبادت جا سمورا فائدا اسان جي لاءِ ئي آهن.

**سوال:** عقيدو ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟

**جواب:** عقيدو تصورن جو مجموعو ۽ فڪر جو اهو خاص معيار آهي، جنهن جي ذريعي اسان هي فيصلو ڪري سگهون ٿا تہ ڪو خاص عمل اجتماعي طور تي اسان جي لاءِ فائديمند آهي يا نقصانڪار. عقيدي جي وجود ۾ اچڻ لاءِ ضروري آهي تہ انسان ۾ ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو اجتمائي شعور موجود هجي جيڪو ان کي ذاتي غرضن ۽ فائدن کان مٿانهون ڪري، ڇو تہ قومون صرف مادي وسيلن جي بنا تي زنده نٿيون رهي سگهن انهن جي اندر فڪري اتحاد ضروري آهي اهو ئي فڪر جنهن جو ٻيو نالو عقيدو آهي، اهو قوم جو روح آهي. خدا تعاليٰ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي ان جو تعلق ذهني قوتن ۽ قلبي حالتن سان آهي. اسلام ۾ انهي کي عقيدو چوندا آهن.

(الف) جيڪڏهن اهو تعلق اسان جي جسم، جان، مال ۽ جائيداد سان آهي تہ ان جو نالو عبادت آهي، يا انسان ۽ ٻي مخلوق جي وچ ۾ جيڪو تعلق آهي. انهي حيثيت سان احڪام نازل ٿيا آهن.

(ب) جيڪڏهن ان جي حيثيت قانون جي آهي تہ (اهو) معاملو آهي.

(ج) جيڪڏهن روحاني نصيحتن ۽ برادرانہ هدايتن جي حيثيت آهي تہ اهو اخلاق آهي.

**سوال:** اسلام ۾ عقيدن جو اصل (بنياد) ڇا آهي؟

**جواب:** بنيادي عقيدو تہ الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ آهي پوءِ پنجئي عقيدا (يعني ملائڪن تي ايمان آڻڻ، آسماني ڪتابن تي ايمان ۾ سمورن رسولن تي ايمان آڻڻ، قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ، چڱي ۾ مٺي تقدير کي الله تعاليٰ جي طرف کان سمجهڻ) . انهي هڪڙي عقيدي جي تشريح ۾ تفسير آهن. ڇو تہ سمورن جو بالواسطہ تعلق الله تعاليٰ سان ئي آهي. خدا تعاليٰ اصول ۾ قانونن جو سرچشمو آهي. هر عمل رب جي مرضي جي تابع آهي. انهي جي حڪم سان هوندو آهي، ڇو تہ اهو پوري قدرت ۾ هر شيءَ جو علم محيط (گهيري وٺندڙ) رکندڙ آهي. انهي کي تقدير چوندا آهن. ڪتاب الله قانون جي مجموعي کي چوندا آهن. ملائڪ انهي قانون کي آڻڻ وارا، رسول انهي قانون کي نافذ ڪرڻ وارا ۾ قيامت ان قانون جي نتيجي ۾ قائم ٿيڻ واري آهي پوءِ انهن سمورن ڪڙين مان ڪنهن هڪڙي ڪڙي کي حفظ ڪري ڇڏجي تہ سموري عقيدي جو نظام درهم برهم ٿي ويندو.

**سوال:** اسلامي عقيدي جي حقيقت ڇا آهي؟

**جواب:** اسلامي عقيدي جي حقيقت الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ آهي، الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جو مقصد هي آهي تہ هر انهيءَ شيءَ تي ايمان آندو وڃي جنهن تي ايمان آڻڻ لاءِ ان ذات هدايت فرمائي آهي ۾ اُن جو مقصد هي آهي تہ انسان کي تنگ نظري مان ڪڍي اڳتي وڌايو وڃي ۾ انهي کي پاڻ کان آزاد ڪري الله تعاليٰ جو ٻانهو ٺاهيو وڃي. خود گرفتاري ئي انسان کي باطل معبودن سان وابسطہ ڪيو هو جنهن ۾ انهن سمورن امتيازن جو انڪار ڪندي انسان کي هڪ الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪائي عام انسانيت جي ڪاميابي جي لاءِ تيار ڪيو.

**سوال:** اسلامي عقيدن، نسلي ۽ قومي عقيدن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جواب:** اهي ٻنهي قسمن جا عقيدا حصول زندگي جا ٻہ مختلف طريقا آهن، نسلي ۽ قومي عقيدن جي ذريعي حصول بقا جي جيڪا ڪوشش ڪئي ويندي آهي، انهي سان انسان جو مجموعي مفاد متاثر ٿيندو آهي ۽ انهي ۾ مقابل ٽولين کي مٽائڻ جو يا انهن کي غلام بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي اهي پر اسلامي عقيدن ۾ مٽائڻ جي بجاءِ انهن کي هڪ وسيع تر معاشري جو رڪن ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي جنهن سان انهن جي مادي وجودن کي ڪو بہ خطرو لاحق نہ هوندو آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن انهن جي مادي ۽ اخلاقي حيثيت اڃا بہ وڌيڪ بهتر ٿي ويندي آهي، انهن لاءِ هندستان جو مثال ٿي وٺو، جتي صدين تائين مسلمانن حڪومت ڪئي آهي، عجب ڳالهہ هي آهي تہ جتي جتي مسلمانن جو دارلخلافت رهيو اتي غير مسلم آبادي گهٽي تعداد ۾ آهي ۽ خوشحال آهي، انهي مان هن ڳالهہ جو تاريخي ثبوت ملي ٿو تہ مسلمانن ٻين قومن کي مٽايو نہ آهي ها انهن جي مادي ۽ روحاني حالتن کي ضرور بدلايو آهي.

**سوال:** اسلامي عقيدي ۾ پوءِ مومن ۽ ڪافر جو فرق ڇو آهي؟

**جواب:** مذهب جي بنياد تي جيڪو فرڪ ڪيو وڃي ٿو اهو عقل ۽ فطرت جي مطابق آهي ۽ فقط جاگرافيائي حادثن يا اتفاقي پيدائش سان ٻدل آهي. قومي ۽ نسلي بنيادن تي جيڪي امتياز قائم ڪيا وڃن ٿا اهي مستقل ۽ دائمي هوندا آهن انهي ڪان اڳتي هلي نوع انساني جو مجموعي مفاد متاثر ٿيندو آهي. مثلاً حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي زماني مبارڪ کان پهرين اهڙن امتيازن، قبيلن کي صدين تائين هڪ ٻئي جو دشمن ٺاهيو رکيو هو پر اسلام اچي انهن کي پاڻ ۾ کير کنڊ ڪيو انهي مان اندازو ٿي

سگهو ٿو تہ اول الذکر امتياز غير فطري هئا ۽ پويان امتياز فطري هئا.
انهي ڪري نوع انساني مجموعي حيثيت کي قبول ڪيو. جاگرافيائي بنياد
تي اتحاد ۾ ڪا بہ لچڪ نہ آهي. انسان چاهي ڪيترو ئي نيڪ ۽ شريف
هجي جيڪڏهن ٻاهريان اچي انهي ديس ۾ ويهي تہ ان کي بيگانو ئي
سمجهيو ويندو. جاگرافيائي کان پوءِ علاقائي، نسلي ۽ لساني تعصبن اچي
جنم ورتو شروع ڪيو ۽ اهو اتحاد خواب خيال بڻجي رهجي ويندو آهي غور
ڪريو ٻاهر کان ڪو بہ ماڻهو ڪنهن علائقي ۾ اچي تہ ان کي اتي جو
رهاڪو نہ سمجهندا آهن ڌاريون ئي سمجهندا آهن. ڪنهن جي زبان توهان
سکو تہ زبان وارا هر گز پاڻ سان ملڻ نہ ڏيندا ۽ شادي وغيره ڪري ٻين
نسلن سان ملي جلي اهو تعلق پيدا ڪيو وڃي تڏهن بہ هو پنهنجو نہ
سمجهندا. مگر دين اسلام آهي جو جڏهن بہ ڪو ان دين ۾ داخل ٿئي ٿو تہ
اهو ڌاريون نہ آهي بلڪ پنهنجو آهي ۽ ايترو ئي عزت وارو آهي جيترا ٻيا
عزت وارا آهن. هي دروازو هر وقت کليل آهي جڏهن بہ ڪو اچي ٿو تہ
گرمجوشي سان ان کي ڀليڪار چئي وڃي ٿو. ان وٽ سمورا برابر آهن
سمورن جا حق برابر آهن ذري برابر فرق نہ آهي.

**سوال:** ڇا عقيدي جو تعلق عمل سان بہ آهي؟

**جواب:** عمل ئي سان تہ ان جو تعلق آهي. عقيدو هڪ نظريو آهي ۽ زندگي
ان جي عملي تعبير ۽ تشريح گويا عقيدو سراسر عمل جي لاءِ آهي اسلام ۾
عقيدو زندگي کان جدا ڪا شيءِ نہ آهي. البت انسان جي ناهيل ٻين عقيدن
۾ ائين محسوس ٿيندو آهي جو عقيدو زندگي سان ڪو بہ تعلق نہ ٿو رکي.
بلڪ زندگي عقيدي جي لاءِ نهي آهي عقيدو زندگي جي لاءِ نہ آهي.

**سوال:** انساني زندگي جي عقيدي ۾ ڪا اهميت آهي؟

**جواب:** جي هائو عقيدو انساني زندگي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، اجتمائي زندگي جي لاءِ عقيدي جو وجود بي حد ضروري آهي. هڪ مشترڪ عقيدو ئي اهو رشتو آهي، جيڪو هڪ جماعت جي فردن کي ڀائيچاري جي رشتن ۾ ڳنڍي ٿو، جنهن قوم ۾ عقيدي جي جيتري پختگي هوندي ايتري ئي وڌيڪ اها قوم با عمل، ترقي پذير ۽ فتحمند ۽ غالب هوندي. اهڙي قوم کي جنهن ۾ ڪو طاقتور عقيدو نه لڌو وڃي ٻيون قومون آساني سان انهي کي غلام بنائي وٺنديون آهن. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي جنگين ۾ آمهون سامهونهڪ ئي نسل، هڪ ئي قبيلي، هڪ ئي رت ۽ هڪ ئي زبان وارا ماڻهو هوندا هئا مگر فتح ۽ ڪاميابي مسلمانن کي ئي نصيب ٿيندي هئي. انهي جو سبب اهو ئي عقيدي جي پختگي ۽ دين جي محبت هئي، جيڪڏهن انهي حقيقت کي تسليم نہ ڪيو وڃي تہ پوءِ انهن ڪاميابين جي (ٻي) ڪا بہ تاويل نہ ٿي ٿي سگهي. انساني زندگي ۾ عقيدو انهي لحاظ جي ڪري بہ وڏو اهم آهي جو انهي سان زندگي خوشگوار ٿي ويندي آهي. مصيبت ۽ ڏک ۾ بہ ان جا پير ترڪندا نہ آهن. بلڪہ ان وقت ۾ بہ ان کي لذت محسوس ٿيندي آهي ۽ هيءَ تمام وڏي ڳالهہ آهي جو مادي ترقين سان هر گز حاصل نہ ٿي ٿي سگهي.

# الله

**سوال:** الله تعاليٰ ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** الله پاڪ انهي پاڪ ذات جو نالو آهي، جيڪو قديم، ازلي ۽ ابدي يعني هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو. اهڙي طرح ان جون ڪامل صفتون بہ قديم آهن ۽ غير محدود. اهو هر ناقص صفت کان پاڪ ۽ منزه آهي اهو خالق آهي مخلوق نہ آهي حاجت روا آهي محتاج نہ آهي، جهڙي طرح ان جي ذات لامحدود آهي اهڙي طرح ان جون صفتون بہ لامحدود آهن. انهي ڪري ان جو احاطو ڪرڻ ناممڪن آهي ۽ صحيح تعريف ان وقت ڪري سگهجي ٿي جڏهن ان جو احاطو ڪيو وڃي.

**سوال:** الله تعاليٰ جي ذات جو ڪهڙو ثبوت آهي؟

**جواب:** ان ذات باري تعاليٰ جي وجود جي سڀ کان وڏي نشاني تہ خود انسان آهي. ان کانسواءِ هي ڪائناتي نظام جيڪو حيرت انگيز قاعدن ۽ ضابطن جي تحت هلي رهيو آهي ۽ ذري برابر ان ۾ گڙ ٻڙ نہ آهي. جيڪڏهن قاعدي قانون تحت نہ هلي تہ يقيناً ڪو خلفشار نہ هجي ها. عقل هي ڳالهہ تسليم ڪرڻ جي لاءِ هر گز تيار نہ آهي تہ هڪ خودڪار نظام جي هلڻ ۾ ههڙو حيرت ناڪ نظم و ضبط هجي.

**سوال:** پلا هي بہ تسليم ڪيو سون تہ هو موجود آهي تہ پوءِ هي ڳالهہ ڪيئن سمجهہ ۾ اچي تہ اهو بغير ٺاهڻ جي ڪيئن وجود ۾ آيو؟

**جواب:** ڪائنات ۾ نظر ڦيرائيندا سون تہ ٻن قسمن جا وجود نظر ايندا هڪ اهو جيڪو پنهنجي وجود ۾ ڪنهن ٻئي جو محتاج هجي ۽ ٻيو اهو جيڪو

محتاج نہ آهي. مثال انساني جسم ۾ دل هڪ اهڙو وجود آهي جو سمورا عضوا ۽ سند ان جا محتاج آهن ۽ اها دل انهن عضون مان ڪنهن هڪ جي بہ محتاج نہ آهي. اها پاڻ حرڪت ڪري ٿي انهي ڪري دل جي متعلق چيو ويو تہ قلب المومن عرش الله. مومن جي دل الله تعاليٰ جو عرش اهي يعني انهي بظاهر خود بخود حرڪت ڪرڻ واري ڪي بہ حرڪت ڏيندڙ ڪو هڪ آهي. دل جون حرڪتون ۽ دل جو ڌڙڪڻ الله تعاليٰ جي ذات جو لڳاتار اعلان ڪري رهيون آهن.

**سوال:** اسان بہ تسليم ڪريون ٿا تہ اهو بغير ناهڻ جي موجود ٿي ويو پر ان جي وجود جو اسان کي علم ڪهڙي طرح ڪيئن ٿئي؟ نظر تہ اچي ڪو نہ ٿو ماٿهو دليل ڏيئي ماٺ ڪري ڇڏيندا آهن مگر دل کي اطمينان نصيب ڪو نہ ٿو ٿئي ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌايو جنهن سان دل مطمئن ٿئي؟

**جواب:** قرآن ڪريم ارشاد فرمايو تہ ان جي ذڪر سان اطمينان ۽ سڪون آهي. پوءِ اهڙي هستي کي انهي اندازي سان سمجهي سگهي ٿو، جنهن سان اطمينان ۽ سڪون حاصل ٿئي. ڪنهن شيءِ جي حقيقت ۽ وجود کي سمجهڻ جي لاءِ ڪيترن ئي نمونن سان يقين حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڏسي، سونگهي، چکي، ڇهي ۽ ٻڌي، سمجهي ڪري يقين حاصل ڪري سگهجي ٿو اس ڏسندي ئي سج جو يقين اچي وڃي ٿو ۽ ڪير بہ اهو مطالبو نہ ڪندو تہ سج اسان کي ڏيکاريو تہ اسان مڃيون. خوشبوءِ سونگهيندي ئي ان جو وجود تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪير بہ ائين نہ ٿو چوي تہ خوشبوءِ اسان کي ڏيکاريو تہ اسان مڃون. ڪا شيءِ چکي معلوم ڪري سگهجي ٿو. مثال انب مٺو آهي ۽ ليمون کٽو آهي. مگر ڪو بہ ائين نہ ٿو چوي تہ انب جي مناس ۽ ليمي جي کٽاڻ اسان کي ڏيکاريو تہ اسان مڃيون. مريض

جي نبض تي هٿ رکي معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هن کي بخار آهي ۽ ڪير بہ نہ ٿو چوي تہ پهرين اسان کي بخار ڏيکاريو تہ پوءِ اسان مڃون. نغمن جو آواز ايندي ٿي ڪشادي فضا ۾ ان جي وجود جو يقين ٿي وڃي ٿو. پر ائين ڪير بہ نہ ٿو چوي تہ اسان کي ڏيکاريو تہ پوءِ مڃون. هزارن ميلن جي فاصلي تي واقع شهرن ۽ ملڪن کي ڏيکاريو تہ پوءِ اسين مڃنداسون. ماڻهن لڳاتار ان جي وجود جون خبرون ڏنيون آهن پوءِ انهن ملڪن ۽ شهرن جي نشريات ٻڌي سون تہ هاڻي ڪامل يقين حاصل ٿي ويو. اسان دنيا جون ڪيترين ئي اڻ ڏٺيون حقيقتون جن کي شعوري طور تي تسليم ڪندا پيا اچون ۽ انهن حقيقتن کي بہ جن کي ڏسڻ جي اسان طاقت رکون ٿا پر اهو سڀ ڪجهہ انهي ڪري تسليم ڪريون ٿا جو اسان جو عقل ائين ڪرڻ تي اسان کي مجبور ڪري ٿو ۽ هيئن چوي ٿو تہ هيترا سارا ماڻهو، هنن شهرن ۽ ملڪن جون لڳاتار خبرون ڏيئي رهيا آهن، تہ پوءِ اها ڳالهہ هر گز غلط نہ ٿي ٿي سگهي ۽ ريڊيو، ٽي وي تي جيڪي پيغام ٻڌا پيا وڃن ۽ جيڪي منظر ڏيکاريا پيا وڃن (اهي) غلط نہ ٿا ٿي سگهن بلڪہ اهي پيغام ۽ منظر تہ انهن گذريل خبرن جي يقين ۽ تصديق آهن. نيڪ اهڙي طرح عظمت وارن انسانن جون سيرتون بي داغ هيون ۽ جن پلارن ڪڏهن دنيوي معاملن ۾ بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو هو انهن اها خبر ڏني تہ اللہ تعاليٰ موجود آهي اها خبر لڳاتار ملندي رهي ۽ پيغام بہ برابر ملندا رهندا. هتي بہ عقل اها ئي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪا پهرين چئي چڪو آهي يعني هي ڳالهہ تہ ايترا سارا پلارا ۽ صالح ماڻهو ڪوڙ نہ ٿا ڳالهائي سگهن جيڪا خبر ڏين ٿا بيشڪ اها خبر صحيح آهي ۽ پوءِ جڏهن ان جي دربار عالي مان صحيفا ۽ ڪتاب نازل ٿين ٿا تہ وڌيڪ يقين ٿي وڃي ٿو. هاڻي جيڪو شخص خدا جو وجود تسليم نہ

تو ڪري ان کان پڇو تہ ڇا اها ڳالهہ عقل واري آهي جو ڪوڙن ۽ شڪي ماڻهن جي خبرن تي دل وجهان سان يقين ڪريو ۽ اهي ڀلارا جن جون زندگيون پاڪ وصاف ۽ (هر) شڪ شبهي کان بالاتر آهن، انهن جي ڏنل خبرن کي ڪوڙو ڇاڻو ۽ انهن جي خبرن تي بلڪل ڀروسو نہ ڪريو. بيشڪ جيڪڏهن ڀهريون خبرون ڀروسي ڪرڻ جي لائق آهن تہ پوءِ هي خبرون بہ ڀروسي جوڳيون آهن ۽ ان ڳالهہ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو بہ نہ آهي جو اسان انهن خبرن تي ڀروسو ڪري خدا جي وجود جو اقرار ڪريون، خصوصي طور تي جڏهن اڪين ڏنا آثار ۽ غيبي پيغام بہ ان جي شاهدي ڏيئي رهيا آهن ۽ دل خود بہ خود جهڪڻ لاءِ بيقرار تي وڃي ٿي، ڏک ۽ مصيبت ۾ تہ هڪ اڻ ڏٺي طاقت ڏانهن واجهائڻ لڳندي آهي. جيڪڏهن صرف اک تي ڀروسو ڪيو وڃي تہ پوءِ زندگي جي ڪيترن ئي حقيقتن کي ڪوڙو ڪرڻو پوندو ۽ ڪيتريون ئي حقيقتون مشڪوڪ رهجي وڃن ٿيون. ڪهڙي ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڏٺو آهي؟ ٻين ماڻهن چيو ۽ هن ان ڳالهہ تي يقين ڪيو. جڏهن اسان معاشرتي زندگي ۾ ماءُ پيءُ جي حقيقت کي بغير ڏسڻ جي تسليم ڪريون ٿا تہ پوءِ هن ڪائناتي زندگي ۾ خدا تعاليٰ جي هستي کي ڇو نہ تسليم ڪريون. خصوصاً جڏهن تہ قدم قدم تي قدرت جا نظارا موجود هجن. جڏهن اسان سونگهي، چکي، ڇهي، ٻڌي ۽ سمجهي ڪري اڻ ڏٺل شين کي تسليم ڪري وٺون ٿا تہ پوءِ الله تعاليٰ جي معاملي ۾ هي اصرار ڇو؟ ڏيکاريو تہ پوءِ اسان مڃون. بيشڪ اها ذات ڏسڻ ۾ بہ اچي ٿي مگر ان جي ڏسڻ جي طاقت بہ تہ هجي. جن هستين ۾ ڏسڻ جي طاقت هئي، انهن ڏٺو بہ آهي، مگر اسان جي حالت اها آهي جو سج جڏهن ٺاڪ منجهند جي وقت وچ آسمان تي ايندو آهي تہ ان کي بہ نهاري نہ ٿا سگهون.

جيڪڏهن اسان خلا ۾ زندگي گذاريون ها ۽ اسان جي چوطرف رنگ برنگي منظر نہ هجن تہ شايد الله تعاليٰ جي وجود کان واقف ٿيڻ مشڪل ٿئي ها پر هاڻي جڏهن تہ اطلاعن ۽ پيغامن سان گڏوگڏ قدم قدم تي گل ٽڙيا آهن تہ الله تعاليٰ جي وجود کي معلوم ڪرڻ ڪو مشڪل نہ آهي بس صرف سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت . اها ئي سمجهہ آهي جنهن جي ذريعي انسان بي معنيٰ شين ۾ معنيٰ تلاش ڪئي آهي. خدا شناسي جو انهي کان بهترين ٻيو ڪو بہ ذريعو نہ آهي.

**سوال:** توحيد جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن؟

**جواب:** ان جو بنياد تہ الله تعاليٰ وحدهٗ لاشريڪ لہٗ جي ذات پاڪ ۽ ان تي ايمان ۽ يقين ڪرڻ آهي، اهو يقين خود انسان جي فطرت ۾ پنهان آهي. قرآن ڪريم قدرت جي عجائبن، ڪائنات جي نظم وضبط ۽ ڪائناتي حڪمتن کي تفصيل سان بيان ڪري انسانن کي انهي طرف متوجہ ڪيو آهي. مثلاً ٻيڙين ۽ سامونڊي جهازن جو بغير ٽيڪ جي سمنڊ جي سطح تي هلڻ، پکين جو هوا ۾ اڏرڻ، پاڻي جو وهڻ، مئل زمين جو زنده ٿيڻ، انسانن جون مختلف زبانون ۽ طرح طرح جا مختلف رنگ، مختلف نسلن جو هجڻ، روشن سج جو هجڻ، چمڪندڙ چنڊ جو هجڻ، رات جو تارن جو چمڪڻ، ڏکويلن جي فرياد رسي، مظلومن جي مدد ڪرڻ، ڏينهن کان پوءِ رات جو اچڻ ۽ رات کان پوءِ ڏينهن جو اچڻ وغيره.

**سوال:** ڇا اڳين مذهبن بہ توحيد (الله تعاليٰ جي وحدانيت) جي تعليم ڏسي هئي؟

**جواب:** سمورن مذهبن جو روح تہ صرف هڪ آهي يعني اسلام ۽ ان جي تعليم جو بنياد توحيد آهي.

**سوال:** ڇا الله تعاليٰ جي ڪا شڪل ۽ صورت بہ آهي؟

**جواب:** الله تعاليٰ جي ڪا بہ شڪل ۽ صورت نہ آهي اهو جسم کان پاڪ آهي. اهو تہ پاڻ جسمن کي پيدا ڪري ٿو پوءِ پاڻ ڪيئن جسم ٿي سگهندو.

**سوال:** قرآن ۽ حديث مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ان جا عضوا آهن؟

**جواب:** بيشڪ اهڙيون آيتون ۽ حديثون موجود آهن جن مان ظاهري طور تي ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ان جا هٿ، پير ۽ منهن وغيره آهن پر ان جي حقيقت کي اهو پاڻ ئي ڄاڻي ٿو. البت ڪن عالمن سڳورن اک مان ان جو نور هجڻ ۽ هٿ مان مراد ان جي سخا جو هجڻ ۽ پير مان مراد ان جو حاضر، ناظر هجڻ ورتي آهي.

**سوال:** الله تعاليٰ جون ڪيتريون صفتون آهن؟

**جواب:** الله تعاليٰ جون صفتون بيحد و حساب آهن ڇو تہ اها ذات غير محدود آهي. اڪثر صفتون قرآن ڪريم بيان فرمايون آهن جن کي سمجهڻ وارو ئي سمجهي سگهي ٿو. انهن کي پڙهو ۽ غور وفڪر ڪريو. حديث پاڪ ۾ الله تعاليٰ جا نوانوي صفاتي نالا آهن مگر حقيقت ۾ ان جا نالا بيحد وحساب آهن. انهن صفاتي نالن ۾ جمالي، جلالي ۽ ڪمالي بہ آهن.

**سوال:** ڇا الله تعاليٰ جا ٻانها ان جي صفتن جون آئينو آهن؟

**جواب:** بيشڪ ان جي صفتن جو آئينو آهن. ان ذات پنهنجي ڪامل صفتن (هر هڪ کي) پنهنجي حيثيت ۽ صلاحيت جي مطابق حصو ڏنو وڃي. اهو زنده آهي، اسان کي بہ ان زندگي ڏني آهي. اهو قادر آهي. اسان کي بہ قدرت (طاقت) ڏني آهي. اهو عليم (ڄاڻندڙ) آهي. اسان کي بہ علم عطا

ڪيو آهي. اهو عالم الغيب (ڳجهه جو ڄاڻندڙ) آهي. ڪن نيڪ ٻانهن کي ڳجهه جو علم عطا ڪيو آهي: خصوصن اسان جي پياري نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي.

**سوال:** ڇا الله تعاليٰ جون صفتون ان جي ذات ۾ داخل آهن يا نه؟

**جواب:** داخل آهن جهڙي طرح اس جيڪا سج جي حقيقت ۾ داخل آهي، جيتوڻيڪ خارج معلوم ٿئي ٿي يا وري موجون جيڪي سمنڊ جي حقيقت ۾ داخل آهن، جيتوڻيڪ خارج معلوم ٿين ٿيون.

**سوال:** توحيد جي عقيدي انساني زندگي ۾ ڪهڙو انقلاب پيدا ڪيو آهي؟

**جواب:** توحيد جي عقيدي عبادت جي عام مفهوم کي بلڪل بدلائي ڇڏيو آهي ۽ انهي ۾ ايتري وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس جو عملي ۽ فڪري زندگي جو ڪو به گوشو ان جي دائري کان ٻاهر نه رهيو آهي. عبادت جي اهڙي تصور کان ٻيون قومون بلڪل نا آشنا هيون. ان کانسواءِ انهي عقيدي انسان کي ان جي پنهنجي عظمت کان آگاهه ڪيو ۽ هي ٻڌايو ته ڪائنات انهي جي لاءِ آهي اهو ڪائنات جي لاءِ نه آهي. اهو صرف الله تعاليٰ (جي بندگي لاءِ) آهي. اهڙي طرح انسان زمين جي پستين کان بلند ٿيو. هاڻ زمين تي سجدا زمين جي لاءِ نه هوندا آهن. خدا تعاليٰ جي لاءِ هوندا آهن. اهو انسان جيڪو وڻ ٽڻ ۽ پنهنجي هٿن جي ناهيل بتن جي اڳيان نرڙ نوڙائيندو هو ان کي صرف هڪڙي هستي جي اڳيان نوڙي خودداري ۽ غيرت جو سبق سيکاريو ويو ۽ ان جي وکريل ذهن کي ۽ عملي قوتن کي هڪڙي جاءِ تي گڏ ڪري حيرت انگيز قوت بخشي ويئي. انسان انهي بندگي تائين ڪيترين ئي منزل کان لنگهيو. ڪائنات ۽ ان جي عجائبن کي ڏسي حيران ٿي ويو ته هر عجيب ۽ طاقتور شيءِ کي ڏسيءِ ان کي پوڄڻ لڳو. جڏهن

ڪائنات کان نظر هٽي ته پنهنجي طرف متوجه ٿيو ۽ انسان کان ڦري خدا ڏانهن متوجه ٿيو ته پاڻ کي وساري ڇڏيائين پوءِ خدا تعاليٰ جي جلون ۾ پاڻ کي ڏٺائين ته حقيقت ظاهر ٿي ويئي ۽ هي به معلوم ٿيو ته ڪير ڪنهن جو ٻانهو آهي ۽ ڪير ڪنهن جو خالق (پيدا ڪندڙ) آهي. اها ئي دريافت هئي جنهن عالم انسانيت ۾ هڪ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو.

**سوال:** ڇا توحيد جي عقيدي جي ڪمزوري جي ڪري انساني زندگي تي ڪجهه اثر ٿي سگهي ٿو؟

**جواب:** جي هائو تمام گهڻو اثر ٿي سگهي ٿو. اگر هي عقيدو ڪمزور ٿي وڃي ته انسان مختلف فڪري ۽ عملي بيمارين ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو. مثلاً: وطن پرستي، علم پرستي ۽ ثقافت پرستي، آثار پرستي ۽ نسل پرستي وغيره.

**سوال:** ڇا انسان کي پنهنجي وطن ۽ سماج وغيره سان محبت نه ڪرڻ گهرجي ڇا؟ اها ته ڳالهه ته انساني فطرت جي خلاف آهي؟

**جواب:** محبت ۽ پوڄا ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. انهن شين سان محبت ڪرڻ هڪ فڪري ڳالهه آهي. مگر هتي ڳالهه پوڄا ڪرڻ آهي. هڪڙي حديث شريف ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو ته جڏهن انسان مسلمان هوندو آهي ته هو ماضي کان ڪٽجي ويندو آهي. يعني هاڻي ان کي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ آثارن تي فخر نه ڪرڻ کپي. فخر جي لائق صرف اسلام جو تعلق ئي ڪافي آهي. باقي رهي محبت ته محبت ڪرڻ ۾ ڪو به حرج نه آهي پر مسلمان ٿيڻ کان پوءِ هر محبت کي اسلام جي تابع هئڻ گهرجي. نه ته محبت پوڄا جي حڪم ۾ هوندي جيڪا ان کي اسلام

مان خارج بہ ڪري سگهي ٿي. اسلام مان خارج ٿيڻ، حقيقت ۾ انسانيت ڪان خارج ٿيڻ آهي. اسلام ۽ انسانيت، بہ جدا شيون نہ آهن.

**سوال:** توحيد جي عقيدي ۾ ابتدا ۽ انتها ڇا آهي؟

**جواب:** ابتدا خدا تعاليٰ جي حقيقت عظمت سان ٿيندي آهي ۽ انتها ڪمال ٻانهپ تي (يعني صحيح معنيٰ ۾ الله تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ ۾) خدا تعاليٰ ڪان سواءِ ٻين شين جي پوڄا ڪرڻ سان انسان اها ڳالهہ ظاهر ڪئي تہ هو اڃا تائين پنهنجي مقام ۽ مرتبي ڪان آگاهہ نہ آهي پر جڏهن هو الله تعاليٰ جي نوڙيو تڏهن هن کي خبر پئي تہ هو ڪيڏو نہ عظيم آهي. تہ ڏسو توحيد جي عقيدي هڪ طرف الله تعاليٰ جي هيڪڙائي جو جهنڊو تہ ٻئي طرف ٻانهپ جو.

**سوال:** الله تعاليٰ جي متعلق ڪهڙو عقيدو رکيو وڃي؟

**جواب:** الله تعاليٰ جي متعلق هي عقيدو رکڻ گهرجي تہ هو قديم آهي، پنهنجو پاڻ موجود آهي، صرف اهو ئي عبادت جي لائق آهي. ان جون سموريون صفتون ڪامل آهن. هو ناقص صفتن ڪان پاڪ آهي. زمان ۽ مڪان ڪان بلند و بالا آهي. نہ ان کي جسم آهي نہ اهو محدود آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ نہ آهي ۽ نہ ان ۾ ڪا شيءِ سمائجي سگهجي ٿي ۽ نہ ان جو ڪو مثل آهي ۽ نہ ان جو ڪو ثاني آهي ۽ نہ اهو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي ۽ نہ وري ڪو ان مان پيدا ٿيو آهي، اهو ڳجهين شين کي ڄاڻي ٿو، اهو هر شيءِ تي قادر آهي، اهو بخشيندڙ آهي، اهو دعائن کي قبول ڪندڙ آهي.

**سوال:** توهان ڇيو هو ڳجهين شين کي الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو تہ ڇا هو دل جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو؟

**جواب:** بيشڪ هو دل جي رازن کي بہ ڄاڻي ٿو، جهڙي طرح قرآن شريف ۾ آهي تہ ونعلم ماتوسوس بہ نفسہ (اسين ڄاڻون ٿا جيڪي نفس سندس وسوسا وجهي ٿو). بلڪ هو گهري تہ اها طاقت پنهنجي برگزيده ٻانهن کي بہ عنايت فرمائيندو آهي.

**سوال:** توهان هيءَ بہ چيو آهي تہ اهو هر شيءَ تي قادر آهي تہ پوءِ ٻيڙن ڪمن تي بہ قادر هوندو؟

**جواب:** معاذ الله (الله تعاليٰ جي پناهہ) اهو سٺين صفتن کان سينگاريل آهي ۽ ٻيڙين صفتن کان پاڪ آهي ۽ اهو عيب نہ آهي، بلڪ اهو ڪمال آهي. جهڙي طرح ڪنهن نيڪو ڪار کي چئجي تہ اهو بدڪاري نہ ٿو ڪري سگهي، تہ اهو ان جو عيب نہ آهي، اها تہ انهي جي خوبي آهي، بلڪ ان ڏانهن خيال ڪرڻ بي اِدبي آهي، پوءِ جڏهن هڪ انسان لاءِ اهڙو خيال ڪرڻ بي ادبي آهي تہ پوءِ الله تعاليٰ جي لاءِ اهڙيون ڳالهيون سوچڻ تہ انتها درجي جي گستاخي آهي. جنهن سان انسان جو ايمان بہ خطري ۾ ٿي سگهي ٿو.

**سوال:** توهان هي بہ چيو آهي تہ اهو بخشڻهار آهي تہ اهو ٻانهن جي حقن کي بہ معاف فرمائيندو؟

**جواب:** الله تعاليٰ اهي ئي گناهہ معاف فرمائيندو جن گناهن جو تعلق ان جي بارگاهہ سان آهي. الله تعاليٰ جي عدل و انصاف جو معيار گهٽو مٿانهون آهي. دنيا جا بادشاهہ ۽ حاڪم قاتلن ۽ ڌاڙيلن کي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. اهو انصاف نہ آهي، بلڪ ظلم آهي ۽ ٻين جي حقن ۾ مداخلت ڪرڻ آهي. الله تعاليٰ اهڙي معافي ۽ درگذر ڪرڻ کان پاڪ آهي. هائو هي ٿي سگهي ٿو جو الله تعاليٰ مظلوم کي پنهنجي رحمت سان جنت عطا ڪري ۽ ان کي راضي ڪري ۽ ظالم کي پنهنجي عام رحمت سان بخشي ڇڏي.

**سوال:** توهان چيو آهي تہ اهو (الله تعاليٰ) دعائن کي قبول فرمائي ٿو، مگر ڪجهہ دعائون قبول نہ ٿينديون آهن؟

**جواب:** بيشڪ اهو الله تعاليٰ پريشان حال ۽ بيقرار ٻانهن جون دعائون قبول فرمائيندو آهي، دعا اها قبول نہ ٿيندي آهي، جيڪا يا تہ دل سان نہ ڪئي ويندي آهي يا ان جي قبول ٿيڻ سان ٻانهي کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي ڇو تہ انسان جي نظر تمام محدود هوندي آهي ۽ جنهن جي نظر تمام محدود هجي، اهو پنهنجي ڇڱائي ۽ مٺائي جي باري ۾ پاڻ فيصلو نہ ٿو ڪري سگهي، فيصلي ڪرڻ جي لاءِ نظر گهرجي، الله تعاليٰ ڏسڻ پسڻ وارو آهي، انهي ڪري اهو پاڻ بهتر ڄاڻي ٿو تہ ان جي ٻانهن لاءِ ڪهڙي ڳالهہ بهتر آهي ۽ ڪهڙي خراب آهي. ان کان علاوه هي ڳالهہ بہ سوچڻ گهرجي تہ هڪ معمولي حڪيم يا ڊاڪٽر جي اڳيان بيمار ڪجهہ بہ نہ ٿو ڳالهائي. جيڪا دوا ان بيماري جي لاءِ تجويز ڪئي وڃي ٿي. اکيون پوري ان کي پيءُ ڇڏيندو آهي پر متعلق حڪيم يعني الله تعاليٰ جي اڳيان اسان پنهنجون تجويزون پيش ڪندا آهيون. اها ڳالهہ دانائي جي خلاف آهي ۽ جڏهن هو اسان جي فائدي جي لاءِ اسان کي ڪنهن آزمائش ۾ مبتلا ڪندو آهي تہ رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهيون ۽ ناشڪري تي آماده ٿي ويندا آهيون.

**سوال:** ڇا صرف الله تعاليٰ جو وجود تسليم ڪرڻ ڪافي آهي؟

**جواب:** جي نہ. ايترو ڪافي ناهي، توحيد جو تصور صرف نظريو نہ آهي بلڪ هڪ دستور حيات آهي، انهي تصور جو مفهوم ۽ مقصد هي آهي تہ اسان عملي زندگي ۾ شيطان جي رهنمائي قبول نہ ڪريون بلڪ رحمان جا سچا ٻانها بڻجي زندگي گذاريون، جيڪو توحيد جي دعوي ڪرڻ جي

باوجود بہ الله تعاليٰ جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪري ٿو. اهو شيطان جي رهنمائي قبول ڪري ٿو ۽ اهو سرڪش ٻانهو (هٺيلو ٻانهو) آهي، اهڙي ٻانهي جو مثال اهڙي طرح آهي، جيئن ڪو شخص رهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ مگر ان جون وفاداريون ٻئي ملڪ جي حڪمران سان وابسطہ هجن. ظاهر آهي تہ اهڙو شخص هر انسان جي نظر ۾ باغي ۽ (ملڪ جو) غدار تصور ڪيو ويندو.

**سوال:** ڇا الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن ٻئي جي اطاعت ڪرڻ بہ ضروري آهي؟

**جواب:** قرآن شريف ۾ ارشاد الاهي آهي تہ الله تعاليٰ جي اطاعت ڪريو ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو. انهن ٽن نمونن جي اطاعت حقيقت ۾ الله تعاليٰ جي اطاعت ئي آهي، ليڪن ٻين اطاعتن کانسواءِ معاشرتي زندگي گذارڻ تمام مشڪل آهي. انهي ڪري الله تعاليٰ انهن کي اختيار ڏنو آهي. الله تعاليٰ جي اطاعت کان پوءِ رسول صلي الله عليہ وسلم جن جي اطاعت يعني اهي احڪام جيڪي قرآن شريف ۾ مذڪور نہ آهن يا مجمل آهن مفصل ناهن (يعني تفصيل وار نہ آهن). انهن احڪامن جي باري ۾ جيڪي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن حڪم فرمائين تہ ان کي مڃيو وڃي. رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي اطاعت کان پوءِ حاڪم ۽ ساعت امر جي اطاعت اهي، يعني شرعي احڪامن سان گڏوگڏ اهي احڪام جيڪي قرآن حديث ۽ فقہ ۾ نہ آهن انهن جي باري ۾ حاڪم جيڪو حڪم ڪري اهو حڪم بہ تسليم ڪيو وڃي. انهن مان هر گز اهو مقصد ناهي تہ حاڪم قرآن ۽ حديث جي خلاف جيڪو حڪم ڏي اهو بہ مڃيو وڃي، ڇو تہ انهي صورت ۾ بہ اطاعتون مفقود ٿي وينديون ۽ صرف هڪ اطاعت باقي رهندي

۽ آيت سڳوري ۾ هڪ ئي وقت ۾ ٽنهي اطاعتن جي تلقين ڪئي ويئي آهي ۽ اطاعت جا درجا بہ مقرر ڪيا ويا آهن.

**سوال:** شرڪ ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب:** الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ۽ انهن صفتن کي ان ۾ قديم سمجهڻ ان کي عبادت جي مستحق سمجهڻ ۽ پنهنجو خالق ۽ مالڪ تصور ڪرڻ وغيره.

**سوال:** بت پرستي ۽ شرڪ جي شروعات ڇو ٿي؟

**جواب:** الله تعاليٰ دنيا ۾ اسبابن جو سلسلو قائم ڪيو آهي، انهي سلسلي ۾ اصل ۽ حقيقي مسبب (سبب پيدا ڪندڙ) ڪار فرما آهي، پر انسان بعض قوي الاثر اسبابن کان ايترو تہ متاثر ٿيندو آهي جو اصل مسبب نظرن کان غائب ٿي ويندو آهي، مثال سج جيڪو انسان کي نفعو پهچائڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، پر انسان ان کي خدا سمجهي ويهي رهيو يا تارا جيڪي حسن ۽ سينگار يا ٻين نفعن رسائڻ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن پر انسان انهن جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪري ڏني، شرڪ جو اصل سبب انسان ۾ غور وفڪر جي گهٽتائي آهي. جهڙي طرح قرآن شريف ۾ حضرت سليمان عليہ السلام جي واقعي ۾ ملڪ سبا کي جهڙي طرح هدايت ڪئي ويئي انهي مان اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي.

**سوال:** شرڪ ۽ شرڪ جي ذريعي جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائيندا؟

**جواب:** شرڪ جا هونئن تہ گهڻا ذريعا آهن پر هيٺيان ذريعا قابل ذڪر آهن.

(1) ڪنهن خاص شخص جي بزرگي ۽ عظمت کي ايترو قوي احساس سمجهڻ جو ان کي خدا تعاليٰ کان غافل ڪري ڇڏي.

(2) جيڪي عمل ۽ آداب الله تعاليٰ جي لاءِ مخصوص آهن، انهن کي انسانن لاءِ اختيار ڪرڻ. مثال طور: سجدو جيڪو الله تعاليٰ جي لاءِ مخصوص آهي، اهو ڪنهن انسان جي اڳيان ڪرڻ.

(3) جيڪي صفتون الله تعاليٰ جي لاءِ مخصوص آهن، اهي ڪنهن انسان ۾ بالذات تسليم ڪرڻ. مثال طور: انسان کي رازق ۽ خالق سمجهڻ.

(4) مصيبتن ۽ تڪليفن ۾ خدا تعاليٰ ۽ خدا جي پيارن بزرگن کان سواءِ ٻوڙن، ٽيڙن، جنن، شيطانن ۽ پليت روحن کي صاحب تصرف سمجهي انهن کان مدد طلب ڪرڻ پر هي خيال ڪرڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جا محبوب ٻانها بالذات ڪنهن شيءِ ۾ تصرف ڪندڙ ناهن. انهن جو تصرف ڪرڻ الله تعاليٰ جي منشا جي مطابق هوندو آهي.

**سوال:** ملائڪ ڪهڙي مخلوق جو نالو آهي؟

**جواب:** قرآن شريف جي آيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ملائڪن مان مراد اهي غير مادي روح واريون هستيون آهن جيڪي الله تعاليٰ جي احڪامن ۽ پيغامن کي دنيا جي مخلوق ڏانهن پهچائيندا آهن ۽ نافذ بہ ڪندا آهن. انهن ملائڪن جي فطرت ۾ اطاعت موجود آهي، اهي انهي کان منهن نہ ٿا موڙين.

**سوال:** پر ابليس ملائڪ هوندي بہ ڇو نافرماني ڪئي؟

**جواب:** جهڙي طرح عام مشهور آهي تہ ابليس ملائڪ هو، اهڙي طرح نہ آهي، قرآن شريف انهي کي جن ڪوٺيو آهي، انهي ڪري نافرماني ڪيائين.

**سوال:** جن ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** جن بہ هڪڙي قسم جي مخلوق آهي، جيڪا باهہ ۽ هوا جي جزن مان ٺهيل آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو جنن ۽ ملائڪن جي وجود جا انڪاري آهن سو ڇو؟

**جواب:** حقيقت ۾ انسان ان شيءِ کي سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو، جيڪا ان جي چوڌاري آهي. حالانڪ اهو تہ ڪجهہ بہ ناهي، ڪائنات ۽ ان جي مخلوقات تمام ڪشادي ۽ تمام گهڻي آهي. انسان تنگ نظري جي ڪري انڪار ڪري ٿو. جيڪڏهن تورو عقل کان ڪم

وڻي تہ انڪار ڪرڻ جي ضرورت بہ نہ ٿئي. بلڪ انسان پنهنجي گهٽ علم تي پاڻ شرمسار ٿئي.

**سوال:** ملائڪ ڪيترا آهن؟

**جواب:** ملائڪ بيشمار آهن. اصل تعداد جو علم الله تعاليٰ کي آهي. البتہ خاص ملائڪن ۾ هي چار مشهور آهن. (1) حضرت جبرئيل عليہ السلام (2) حضرت ميڪائيل عليہ السلام (3) حضرت اسرافيل عليہ السلام (4) حضرت عزرائيل عليہ السلام.

**سوال:** ملائڪن جي باري ۾ ڪهڙو عقيدو رکڻ گهرجي؟

جواب: اهو عقيدو رکيو وڃي تہ اهي بہ الله تعاليٰ جا ٻانها آهن، مڪرم آهن، معصوم آهن، گناهہ نہ ٿا ڪن، اولاد ۽ نسل کان پاڪ آهن. الله تعاليٰ جي عظمت ۽ جلال کان ڏڪن ۽ ڊڄن ٿا. الله تعاليٰ جي فرمانبرداري کان سواءِ ڪو بہ ڪم پنهنجي منشا مطابق نہ ڪندا آهن.

**سوال:** ملائڪن تي ايمان آڻڻ ڇو ضروري قرار ڏنو ويو آهي؟

**جواب:** سبب تہ گهڻا آهن، مگر هڪ وڏو سبب هي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ توحيد جي تصور کان پوءِ انهي وسيلي ۽ ذريعي جي صداقت ۽ حقانيت کي واضح ڪيو وڃي، جيڪو نبين ۽ رسولن تائين الله تعاليٰ جو پيغام پهچائي ٿو. الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ جي سلسلي ۾ جتي نبي ۽ رسول سڀ‌ڳورا هڪڙو ذريعو آهن، اتي ملائڪ بہ هڪڙو ذريعو آهي، انهي ڪري انهن تي ايمان آڻڻ ضروري قرار ڏنو ويو.

اسلامي ڄاڻ

**سوال:** آسماني ڪتابن جي ڪهڙي ضرورت آهي، ڇا صرف عقل ڪافي ناهي؟

**جواب:** الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪيو، ان جي تربيت لاءِ نبين سڳورن کي موڪليائين، انهن کي صحيفا ۽ ڪتاب ڏنائين، جيئن تہ ان جي مطابق ان جي تربيت ڪن. پوءِ انهن رسولن عام انسانن جي ترتيب ڪئي ۽ هر زماني ۽ هر عهد ۾ ان جا حيرت انگيز نتيجا نڪتا، اهي نتيجا خود انهي ڳالهہ جي وڏي ۾ وڏي شاهدي آهن، تہ انسانن کي آسماني ڪتابن جي ضرورت آهي، ان کانسواءِ سمورن انسانن جو عقل هڪ جهڙو ناهي ۽ انهن کي اهڙي بصيرت (دل سان ڏسڻ) بہ حاصل نہ آهي، جو مستقبل جي باري ۾ ٺيڪ نموني سان فيصلو ڪن، اهڙي طرح اسان ڏسندا آهيون تہ ڪيئي صدين کان پهرين عقل جيڪي اصول ٺاهيا هئا، اهي خود عقل رد ڪري ڇڏيا، انهي حقيقت سان بہ عقل جي بي بسي ظاهر آهي. انهي ڪري اسان ان ذريعي کي ڇو نہ قبول ڪريون، جنهن جي رفتار عقل کان تمام وڌيڪ تيز آهي ۽ جنهن جا فيصلا بہ اٽل آهن، يعني وحي الـهي. انهي ۾ پاڻ اسان کي فائدو آهي، اهو هي تہ عقل جي ذريعي جيڪا ڳالهہ سالن بلڪ صدين ۾ معلوم ٿيندي آهي، وحي ان کي چند گهڙين ۾ ٻڌائي ڇڏيندي آهي ۽ اهڙي طرح وقت ۽ زندگي جو زيان بہ نہ ٿو ٿئي ۽ انسان ٿوري ئي وقت ۾ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري وٺندو آهي.

انهي ڪري وحي کي قبول ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ عين عقل جي مطابق آهي ۽ سراسر انسان جي فائدي ۾ آهي. ان جو اندازو ان وقت ٿيندو، جڏهن قرآن ۽ حديث جي احڪامن ۽ جديد دؤر جي آئين ۽ احڪامن جو تقابلي مطالعو ڪنداسون. جڏهن کان انسان هن دنيا ۾ قدم رکيو تہ دنيا جي هر شيءِ ان جي لاءِ اڻ ڄاتل ۽ اڻ سڃاتل هئي. هڪ اجنبي ماحول ۾ هو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو هو. غور ڪريو جيڪڏهن هو پنهنجي زندگي جو بنياد عقل تي رکي ها تہ اڃا تائين ڀٽڪندڙ واري زندگي گذاري ها، پر الله تعالىٰ جو اهو احسان آهي، جو هن دنيا ۾ موڪلي انسان کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو، جيڪي هو نہ ڄاڻندو هو ۽ وحي جي ذريعي هن جي رهنمائي فرمائي، هن کي هڪ متمدن ۽ مهذب بڻايائين. هر هر عمل جي چڱائي ۽ برائي معلوم ڪرڻ جي لاءِ عقل کي سالن جا تجربا درڪار هئا پر جڏهن هن زمين تي آيو تہ ان کي فوري طور تي انهن فيصلن جي ضرورت ٿي پئي. وحي الاهي انهي ضرورت کي پورو ڪيو ۽ ان کي صدين جي تڪليفن کان بچايائين، درحقيقت وحي جي ذريعي جيڪي ڪجهہ ٻڌايو ويو ٿو. اها انسان جي سخت ضرورت بہ آهي، جتي بہ انسان عاجز ٿيندو آهي، اتي قدرت ان جي دستگيري فرمائيندي آهي. ڪير پياڪ ٻار کي ڪهڙي طرح حيرت انگيز طريقي سان رزق پهچايو وڃي ٿو. برپٽ ميدانن کي ڪهڙي طرح سيراب ڪري باغ وبهار بڻايو ويندو آهي. پوءِ اهڙي طرح عقل ۽ دل جي بنجر زمين کي وحي جي ذريعي سيراب ڪيو ويو آهي ۽ انهي ضرورت کي پورو ڪيو ويو، جنهن کان سواءِ هن دنيا ۾ انسان جي زندگي گذارڻ مشڪل ٿيو پوي ٿي. اها ڪيڏي نہ احسان فراموشي ٿيندي جو اهو (الله)

رحيم وڪريم اسان ڏانهن متوجه ٿئي ۽ اسان بلڪل ان جي پرواهه به نه ڪريون.

**سوال:** هي ڪهڙي طرح معلوم ٿيو ته قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪتاب آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو ڪلام نه آهي؟

**جواب:** جڏهن هڪ ڪامل انسان رسالت جي مقام تي فائز ٿي ڪلام فرمائي ٿو ته ان جو آواز ۽ ڪلام هڪ عجيب و غريب تاثير رکي ٿو ۽ اهو انسان جنهن کي پنهنجي سخن داني ۽ سخن گوئي تي غرور ۽ وڏائي هوندي آهي، اهو حيران رهجي ويندو آهي ۽ جڏهن اهو ئي انسان پاڻ ڪجهه چوندو آهي ته ان جو آواز ۽ ڪلام پهرين آواز ۽ پهرين ڪلام کان بلڪل مختلف نظر ايندو آهي. هڪڙي ئي انسان جي آواز ۽ ڪلام ۾ اهو حيرت انگيز فرق ناممڪن آهي، يقيناً ڪا ٻجهي طاقت آهي، جيڪا ان جي زبان سان ڪلام ڪري ٿي. پوءِ اهو اختلاف خود انهي ڳالهه جو دليل آهي ته قرآن شريف الله تعاليٰ جو ڪلام آهي. پوءِ اها ڳالهه به غور و فڪر جي لائق آهي ته جيڪو انسان صادق (سچار) ۽ امين آهي، ان جي صداقت ۽ امانت جو هي درجو آهي، جو دشمن به وٽس امانتون رکن ۽ کيس سچار سمجهن ۽ جنهن پنهنجي پوري عمر مبارڪ ۾ نه پنهنجي لاءِ ۽ نه پراون لاءِ ڪوڙ ڳالهايو اهڙو صادق ۽ امين انسان جڏهن هي ڳالهه چوي ته پوءِ جيڪي هي چئي رهيو آهي. اهو انهي جو ڪلام نه آهي. (بلڪ) الله تعاليٰ جو ڪلام آهي، پوءِ اهڙي انسان جي ڳالهه کي ڪهڙي طرح ڪوڙ چئي سگهجي ٿو. ڇا اهڙي سچار انسان مان اها اميد رکي سگهجي ٿي ته اهو الله تعاليٰ تي (نعوذ باالله من ذالڪ) ڪوڙ هڻي سگهي ٿو؟ ان کان علاوه هي ڳالهه به نظر ۾ رکڻ گهرجي ته جيڪي ڪجهه هن چيو آهي انهي مان هن کي ڪجهه

فائدو پهتو آهي يا نقصان. ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو انسان آهي جيڪو ڄاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهائي تڪليف ۾ مبتلا ٿئي؟ هر انسان تڪليف کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو آهي. پر هڪڙو انسان جڏهن حق جو اعلان ڪندو آهي ته چئني طرفن کان دشمن هن کي گهيري ويٺا آهن، مگر اهو انهي حق جي اعلان کان باز نه ايندو آهي، بيشڪ عقل به چوي ٿو ته اهو غيبي پيغام آهي جيڪو اهو کڻي آيو آهي، هي قرآن شريف آهي، هي فرقان حميد آهي، هي سراج منير آهي ۽ هي ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي ته جيڪي ڪجهه اهو پيغام ڏيئي رهيو آهي، اهو غلط نه آهي حرف بحرف صحيح آهي. جيڪي هو خبرون ڏيئي رهيو آهي، هڪ هڪ تي سڀ پوريون ٿي رهيون آهن. ڇا ڪنهن به انسان صدين کان پهرين واقعن ۽ حادثن جون خبرون ڏنيون آهن ۽ اهڙين صداقتن کي عالم آشڪارا ڪيو آهي، جنهن کي عقل ڪوڙو نه ڪري سگهيو. هر گز هر گز اهڙو انسان پيدا نه ٿيو آهي. پوءِ بيشڪ قرآن ڪريم الله تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ ان جو ڪلام ڪوڙو نه ٿو ٿي سگهي. انهي ڪري قرآني صداقتن کي اڄ تائين ڪير به ڪوڙو نه ڪري سگهيو.

**سوال:** ڪل ڪيترا ڪتاب نازل ٿيا آهن؟

**جواب:** قرآن ڪريم ۾ صرف چئن ڪتابن جو ذڪر آهي، يعني توريت، جيڪو حضرت موسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيو آهي، زبور، جيڪو حضرت دائود عليه السلام تي نازل ٿيو آهي. انجيل، جيڪو حضرت عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيو آهي. قرآن شريف، جيڪو اسان جي نبي سڳوري حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن تي نازل ٿيو آهي، انهن آسماني ڪتابن کانسواءِ تقريباً هڪ سئو صحيفا (مختلف نبين سڳورن تي

نازل ٿيا آهن) مثال طور: حضرت آدم، حضرت شيث، حضرت ادريس، حضرت ابراهيم (حضرت موسيٰ) عليهم السلام جن تي نازل ٿيا آهن. قرآن ڪريم ۾ صحيفن جو بہ ذڪر آيو آهي.

**سوال:** ڇا سمورن ڪتابن تي ايمان آڻڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي هائو! سمورن ڪتابن تي ايمان آڻڻ ضروري آهي، ڇو تہ سمورا ڪتاب الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيا آهن.

**سوال:** تہ پوءِ انهن سمورن تي عمل ڪرڻ بہ ضروري هوندو؟

**جواب:** قرآن شريف کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪتاب تي عمل ڪرڻ ضروري نہ آهي. ان جو مثال هن طرح سمجهڻ گهرجي، جهڙي طرح ڪنهن ملڪ جو آئين هڪ ٺهي پوءِ انساني حالتن ۽ طبيعتن جي لحاظ سان ٻيو آئين لاڳو ڪيو وڃي، پوءِ انهن سببن جي ڪري ٽيون قانون نافذ ڪيو وڃي، اهڙي طرح هر نئون قانون نافذ العمل هوندو ۽ پهريون قانون لائق احترام هوندو. الله تعاليٰ (هڪڙو) ڪتاب نازل فرمايو پوءِ انسانن جي حالتن جي بدلائڻ جي تحت ٻيو ڪتاب نازل فرمايو، پوءِ ٽيون پوءِ چوٿون پر جڏهن حالتون ۽ طبيعتون هڪڙي رستي تي اچي ويون ۽ ارتقائي عمل پورو ٿي ويو تہ پوءِ قرآن شريف نازل ڪيو ويو، جيڪو هميشہ هميشہ جي لاءِ باقي آهي. جهڙي طرح هي ڪتاب چوڏهن سئو سال پهرين قابل عمل هو، اڄ بہ قابل عمل آهي اها حقيقت ان جي هميشگي تي شاهد آهي.

**سوال:** ڇا سڀ ڪتاب پنهنجي اصل حالت ۾ آهن؟

**جواب:** قرآن شريف کان سواءِ ٻيو ڪو بہ آسماني ڪتاب پنهنجي اصل حالت ۾ نہ آهي. توريت ابراني زبان ۾ نازل ٿيو هو ۽ زبور ۽ انجيل سرياني زبان ۾ نازل ٿيا هئا. اهي زبانون ختم ٿي چڪيون آهن، ان کانسواءِ

تاريخي واقعن مان پتو پوي ٿو تہ موجوده توريت ۽ انجيل حقيقي ناهن. انهن ۾ وڏي ڦير ڦار ٿي چڪي آهي، انهي ڪري اعتماد جوڳيون نہ آهن.

**سوال:** انهن ڪتابن مان انسانن کي ڪهڙو فائدو پهتو؟

**جواب:** فائدو تہ ظاهر آهي، انهن ڪتابن سان انسان، انسان ٿيو ۽ در حقيقت ڪتاب اهو آهي، جيڪو انسان کي انسان بنائي، خونخوار ۽ حيوان صفت نہ بنائي. قرآن ڪريم جي ئي مثال کي ونو، انهي ڪهڙي نہ حيرت انگيز طريقي سان هڪڙي قوم جي ڪايا کي بدلائي ڇڏيائين. ڏنارن کي تخت ۽ تاج جا مالڪ بڻائي ڇڏيائين، ڏسندي ئي ڏسندي پوري دنيا انهي جي لپيٽ ۾ اچي ويئي، يورپ کي روشني ڏيکاريائين ۽ جهالت جي انڌيري مان ڪڍيائين ۽ اڄ بہ جتي جتي تعميري انقلاب اچي رهيا آهن. اهي سڀ قرآن حڪيم ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي تعليم جا مرهون منت آهن. جيڪڏهن انقلابين جا حالات ۽ ان جي ادب جو مطالعو ڪريون تہ هي ڳالهہ بلڪل واضح ٿي سگهي ٿي. قرآن شريف جا ترجما دنيا جي سئو کان وڌيڪ ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن، پوءِ هي ڪهڙي طرف ممڪن ٿي سگهي ٿو جو هڪڙو انقلابي هڪ اهڙي ڪتاب کي نہ پڙهي، جنهن سوين سال پهرين هڪ انقلاب آفرين پيغام ڏيئي، دنيا ۽ دنيا وارن جي قسمت کي بدلائي ڇڏيو هجي؟

**سوال:** آسماني ڪتابن ۾ قرآن ڪريم جو ڪهڙو مقام ۽ مرتبو آهي؟

**جواب:** جيڪو مقام ۽ مرتبو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي مڙني نبين ۽ رسولن سڳورن (عليهم السلام) ۾ حاصل آهي اهو ئي مقام مرتبو بين آسماني ڪتابن ۾ قرآن شريف کي حاصل آهي. جهڙي طرح

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن خاتم النبين آهن، اهڙي طرح قرآن شريف بہ خاتمہ الڪتب آهي.

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي اڳيان قرآن شريف جمع ڪيو ويو هو؟

**جواب:** بيشڪ ڪن حديثن ۽ روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ عهد نبوي صلي الله عليہ وسلم ۾ قرآن ڪريم جمع ڪيو ويو هو. هڪ حديث مان ائين بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ڪم حضرت عمر رضي الله عنہ جن جي مشوري سان حضرت صديق اڪبر رضي الله عنہ جن سر انجام ڏنو هو، پر هي ڳالهہ قطعي آهي تہ قرآن شريف جي سورتن جي ترتيب حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ارشاد مطابق رکي ويئي هئي.

**سوال:** پوءِ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ جن کي جامع قرآن ڇو چيو وڃي ٿو؟

**جواب:** جيڪڏهن جامع جو لفظ تدوين جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو وڃي تہ اهو درست ناهي، البتہ هي ڇوڻ صحيح آهي تہ پاڻ قرآن شريف کي هڪڙي قرآت تي جمع فرمايو ۽ مختلف نسخا انهي قرآت مطابق نقل ڪري سمورن فتح ڪيل علائقن ۾ موڪليائون.

**سوال:** ڇا قرآن شريف انهي صورت ۾ لکيو ويو آهي، جهڙي طرح اڄ ڪلهہ (جنهن صورت) ۾ اسان پڙهون ٿا؟

**جواب:** عهد نبوي ۽ دور خلافت جا قرآني ورق ۽ قلمي نسخا جيڪي اڄ بہ (مختلف جاين) ۾ موجود آهن. انهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت قرآن شريف ڪوفي خط ۾ لکيو ويندو هو ۽ حرفن تي نڪتا بہ نہ لڳايا ويندا هئا. اعراب جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ قرآن شريف

عرب وارن جي زبان ۾ نازل ٿيو هو. نقطا ۽ اعراب پهرين صدي هجري جي شروع ۾ حجاج بن يوسف لڳرايا هئا. جيئن تہ عجمين کي قرآن شريف پڙهڻ ۾ دقت محسوس نہ ٿئي.

**سوال:** ڇا (صرف) قرآن شريف کي مڃڻ ئي ڪافي آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن مريضن جي لاءِ نسخي ۾ لکيل دوائن کي مڃڻ ئي ڪافي هجي ۽ ان سان ان مريض جي صحتيابي ممڪن هجي تہ پوءِ ائين چيو وڃي ها تہ مڃڻ ئي ڪافي آهي، پر قرآن شريف حڪمت وارو ڪتاب آهي، ان کي سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ ٻئي ڳالهيون ضروري آهي. سمجهڻ انهي ڪري جيئن تہ ان تي عمل ڪيو وڃي ۽ عمل ڪرڻ انهي ڪري جيئن تہ زندگي کي سنواري سڌاري سگهجي ۽ جسماني ۽ روحاني صحت حاصل ٿي سگهي.

**سوال:** ڇا انسان جي هدايت لاءِ رسول جي ضرورت آهي؟

**جواب:** اگر ڪو ٻه عرض ڪيو ويو آهي تہ انسان هدايت لاءِ الله جي ڪتاب جي ضرورت آهي. هاڻي ضروري طور تي اهڙي انسان جي ضرورت آهي. جيڪو انهي ڪتاب جو حامل هجي ۽ جنهن جي سيرت انهي ڪتاب جو آئينو هجي ڇو تہ انسان جي فطرت آهي تہ اهو پڙهي نہ بلڪ ڏسي سنواريو ۽ سڌرندو.

**سوال:** رسول جي ڪهڙي سڃاڻ آهي ۽ ان جون ڪهڙيون نشانيون آهن؟

**جواب:** انسانن جي حالتن جو اگر جائزو ورتو وڃي تہ اسان کي ٽن نمونن جا انسان ملن ٿا. (1) هڪڙا اهي ماڻهو جيڪي گناهہ جو رستو اختيار ڪندا آهن ۽ انهن کي انهي غلطي جو احساس بہ نہ ٿيندو آهي. (2) اهي ماڻهو جيڪي گناهہ ڪندا آهن پر احساس گناهہ جي ڪري انهن جو نفس انهن کي ملامت ڪندو آهي ۽ اهي پشيماني ۽ شرمساري محسوس ڪندا آهن. (3) اهي ماڻهو جيڪي نيڪي جو رستو اختيار ڪندا آهن ۽ انهن جي دل ۾ برائي جو خيال بہ نہ ايندو آهي. نوع انساني جي لاءِ اگر ڪو هادي يا رهبر ٿئي تہ اهو ٽيون قسم انسان آهي جنهن کي انسان ڪامل چئي سگهجي ٿو انهي ڪري قرآن شريف حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي لاءِ ارشاد فرمايو تہ اي مسلمانو توهان جو سردار نہ گمراهہ ٿيو ۽ نہ ڀٽڪيو ۽ هو

پنهنجي خواهش سان نہ ٿو ڳالهائي. بلڪ اهو ئي چوي ٿو تہ جيڪو (هن ڪان) ڇورايو وڃي ٿو. (سوره النجم 2 ڪان 4) انهي آيت سڄوري جي روشني ۾ هادي برحق ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جن جي لاءِ هي اصول مرتب ڪري سگهجن ٿا.

1. اهو گمراهہ نہ هجي ڇو تہ جيڪو پاڻ گمراهہ هوندو اهو ٻين کي سڌي رستي تي ڪيئن آڻي سگهندو.

2. اهو رستي ڪان ڀٽڪيل (ڦريل) بہ نہ هجي ڇو تہ جيڪو پاڻ ڀٽڪيل هجي اهو ٻين کي منزل تي نہ ٿو پهچائي سگهي.

3. اهو جيڪي ڪجهہ چوي ٿو اهو نفساني خواهش سان نٿو چئي بلڪ جذبات انهي جي تابع هوندا آهن. وحي الهيٰ ڪان مستفيض هوندو آهي ۽ اهو جيڪي ڪجهہ ٻڌائيندو آهي اهو انسان جو عقل نہ ٿو ٻڌائي سگهي.

**سوال:** هي ڳالهہ تہ تمام عجيب آهي جو الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن کي نبي ۽ رسول ٺاهي موڪلي ٿو ۽ انهن سان ڪلام بہ ڪري ٿو. اهو ڪيئن ممڪن آهي؟

**جواب:** اسان کي اها ڳالهہ عجيب لڳي ٿي، جنهن جو اسان کي علم ناهي ۽ جڏهن معلوم ٿيندي آهي تہ اها ئي (ڳالهہ) عجيب معمولي ٿي ويندي آهي. ماضي جون ڪيتريون ئي عجيب ڳالهيون هاڻي معمولي ٿي ويون آهن ۽ حال جون ڪيتريون ئي ڳالهيون مستقبل ۾ معمولي ٿي وينديون. تہ نبين ۽ رسولن سڄورن جو اچڻ انهن جي لاءِ عجيب آهي، جن کي حقيقت جو علم نہ آهي ۽ جن کي معلوم ٿي ويو تہ انهن جي لاءِ ڪا بہ عجيب (شيءِ) نہ آهي. عام انسانن ۽ حيوانن جي حواسن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ماڪوڙي جي سونگهڻ واري قوت. ڳجهہ جي ڏسڻ واري قوت. مڪڙ جي

ٻڌڻ واري قوت ۽ چمڙي جي ڇوهڻ واري قوت اهي حيرت ناڪ آهن ۽ عام انسانن کان مٿي آهن. پوءِ جڏهن معمولي جانورن جو اهو حال آهي تہ پوءِ هڪ ڪامل انسان جڏهن اها دعويٰ ڪري ٿو تہ نامعلوم حقيقت جي طرف کان آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن، جيڪي عام انسان ٻڌي نہ ٿا سگهن تہ پوءِ انهي ۾ ڪهڙي تعجب جي ڳالهہ آهي، ڇو تہ انسان لاءِ تہ هي فرمايو ويو آهي "۽ اسان انسان کي بهترين اڏاوت ۾ پيدا ڪيو سين"(سوره التين) الله تعاليٰ قدم قدم تي انسان جي دستگيري فرمائي ٿو، جتي بہ انسان پنهنجي تربيت کان عاجز آهي، اتي الله تعاليٰ پاڻ پرورش ۽ پالڻ جو بندوبست فرمائيندو آهي. پيدائش کان پوءِ فورن ماءُ جي ڪير مان سيراب ڪندو آهي ۽ اڄ تائين اهو ڪنهن کي بہ معلوم نہ ٿي سگهيو تہ اهو فيض ڪٿان کان جاري ٿيو آهي؟ جنهن ذات انسان جي بک ۽ اڃ پري ڪرڻ لاءِ هي حيرت انگيز بندوبست فرمايو آهي، اهو انهي جي روحاني بک ۽ اڃ ختم ڪرڻ لاءِ ڇو نہ بندوبست فرمائيندو. ان ذات نبين ۽ رسولن سڳورن کي موڪليائين ۽ اڄ تائين عقل حيران آهي تہ اهو فيض ڪٿان کان جاري ٿيو آهي؟ جهڙي نموني سان ڪير پياڪ ٻار جي ٽپڪڙي ڏسڻ وٽان آهي. اهڙي طرح روح جي سيرابي کان پوءِ انسان جي اڏام بہ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

**سوال:** رسول ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** جنهن کي الله تعاليٰ نبوت جي نعمت عطا فرمائي مخلوق جي هدايت لاءِ موڪليندو آهي. جيئن تہ انسان پنهنجي خدا کان واقف ٿئي ۽ ان جي عبادت ۾ مصروف رهي، چڱن ۽ بڇڙن جي تميز حاصل ڪري پنهنجي آخرت کي سنواري.

**سوال:** نبي ۽ رسول ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جواب:** رسول تي ڪتاب نازل ٿيندو آهي ۽ نبي تي ڪتاب وغيره نازل نہ ٿيندو آهي، ٻنهي جو ڪم الله تعاليٰ ڏي سڏڻ ۽ تبليغ ڪرڻ آهي، انهي ڪري هر رسول نبي هوندو آهي ۽ هر نبي رسول نہ هوندو آهي.

**سوال:** ڇا عورتن ۾ بہ نبي هوندا آهن؟

**جواب:** عورتن ۾ ڪو بہ نبي نہ آهي پر هي سعادت انهي عورتن جي ڀاڱي ۾ آئي آهي جو انهن کي نبين ۽ رسولن جي مائرن ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي. الله تعاليٰ عزت ۽ بزرگي کان انهن کي بہ محروم نہ رکيو ان وٽ غير فطري مساوات (برابري) نہ آهي اهو فطرت جي مطابق نوازيندو آهي.

**سوال:** پهريون نبي ڪير آهي ۽ آخري نبي ڪير آهي؟

**جواب:** پهريون نبي حضرت آدم عليہ السّلام ۽ آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم.

**سوال:** ڇا حضور صلي الله عليہ وسلم جن کان پوءِ بہ ڪو نئون نبي پيدا ٿيندو؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم خاتم النبين آهن، اگر ڪائنٽ بعد ڪو نبي اچي ها تہ پاڻ خاتم النبين نہ هجن ها. الله تعاليٰ جي طرف کان قرآن شريف جي حفاظت ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي سيرت جي حفاظت ۾ اهو اعلان آهي تہ اسان تنهنجي لاءِ تنهنجي ذڪر مبارڪ کي مٿانهون فرمايو (الانشراح) مستقبل ۾ ڪنهن متوقع نبي جي ضرورت کي خود بہ خود ختم ڪري ڇڏيائين، جڏهن قرآن شريف بہ موجود آهي ۽ رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي سيرت بہ موجود آهي

ته ٻئي ڪنهن نبي جي ڪهڙي ضرورت رهي. الله تعاليٰ بغير ڪنهن ضرورت جي ڪنهن کي نه ٿو موڪلي.

**سوال:** ڇا سمورا نبي ۽ رسول برابر آهن؟

**جواب:** سمورا نبي ۽ رسول برابر نه آهن. خود قرآن شريف هر هڪ جي مرتبي جي فرق کي ذڪر ڪيو آهي. جهڙي طرح الله تعاليٰ جو ارشاد آهي. "هي رسول آهن جن مان ڪن کي ڪن تي اسان فضيلت ڏني آهي". (البقره 253) حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سمورن نبين ۽ رسولن ۾ افضل آهن. جيڪو نبين ۽ رسولن ۾ افضل آهي، اهو سمورن انسانن ۾ ڪيئن نه افضل هوندو؟.

**سوال:** حضور صلي الله عليه وسلم جن جي باري ۾ قرآن شريف ڇا بيان ڪيو آهي؟

**جواب:** اگر ڏٺو وڃي ته قرآن شريف سموري جو سمورو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت پاڪ آهن . هوئن به قرآن پاڪ ۾ گهٽيون ئي اهڙيون آيتون آهن، جن مان ڪن ۾ پاڻ سڳورن جي نياز ۽ نوڙت جو ذڪر آهي ۽ ڪن آيتن ۾ سندن جلالت ۽ جبروت جو ذڪر آهي. ٻيو قسم جيڪي آيتون آهن، انهن ۾ عام ڪري الله تعاليٰ عام مسلمانن سان خطاب فرمايو آهي ۽ ٽِهرين قسم جي آيتن ۾ حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي زباني مسلمانن کي خطاب فرمايو آهي. مسلمانن کي پاڻ سڳورن جي عظمت، بزرگي، عشق ۽ محبت جي دل ۾ پرورش ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙن فاسد خيالن کي دل مان ڪڍڻ گهرجي، جيڪي مقام محبت کان ڪرائي ڪافرن ۽ مشرڪن جي صف ۾ اچي ويهارين. قرآن ڪريم جي مختلف سورتن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي تعريف ۽

آداب بارگاهہ رسالت بيان ڪيا ويا آهن. مثال طور: آل عمران، مائده، توبہ. شعراءَ، احزاب، قلم، بني اسرائيل ۽ النجم وغيره. سوره توبہ ۾ فرمايو ويو تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو حق آهي، جو ان کي راضي ڪيو وڃي.

2. سوره قلم ۾ فرمايو ويو تہ پاڻ سڳورن جا اخلاق بلند آهن ۽ سندن لاءِ نہ ختم ٿيڻ وارو اجر و ثواب آهي.

3. سوره توبہ ۾ فرمايو ويو تہ ايستائين مومن نہ ٿا ٿي سگهو، جيستائين توهان الله ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم ۽ خدا جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کي پنهنجي، ماءُ پيءُ اولاد، مال ۽ دولت، مڪان ۽ ماڙيون ۽ واپار جو مال سمورن کان وڌيڪ محبوب نہ رکو.

4. سوره احزاب ۾ فرمايو ويو تہ محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم توهان مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي، هو تہ الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ آخري نبي آهي.

5. سوره نجم ۾ فرمايو ويو تہ تنهنجو دوست نہ ڀٽڪيو ۽ نہ بي راهہ هليو ۽ هي اهو ئي ڪجهہ ڪلام فرمائي ٿو، جيڪي سندن ڏانهن وحي ڪئي وڃي ٿي.

6. سوره اسريٰ ۾ فرمايو ويو تہ پاڪ آهي اها ذات جنهن رات جي ٿورڙي حصي ۾ پنهنجي ٻانهي کي مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين سير ڪرايو، جنهن جي چوڌطرف اسان برڪتون رکيون آهن، جيئن تہ اسان ان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون.

7. سوره ضحيٰ ۾ فرمايو ويو تہ تنهنجون اچڻ واريون گهڙيون پهرين گهڙين کان بهتر آهن. تنهنجو رب تو کي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين. اهڙيون گهڻيون ئي آيتون آهن، ڪهڙين ڪهڙين آيتن جو ذڪر ڪيو وڃي.

**سوال:** ڇا محشر جي ميدان ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن شفاعت فرمائيندا؟

**جواب:** جي هائو شفاعت ڪبريٰ سان پاڻ سڳورن کي ڪي مشرف ڪيو ويندو. جڏهن سمورا نبي ۽ رسول الله تعاليٰ جي خوف کان پيا ڏڇندا ۽ ڏڪندا. ان وقت پاڻ سڳورا ئي الله تعاليٰ جي حضور ۾ سموري مخلوق جي شفاعت فرمائيندا ۽ مقام محمود تي فائز ٿيندا.

**سوال:** معراج ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جو بنفس نفيس آسمان تي وڃڻ. قرب الاهي سان مشرف ٿيڻ ۽ جنت ۽ دوزخ جو سير ڪرڻ کي معراج چوندا آهن. انهي جو ڪجهه ذڪر سوره اسريٰ ۾ ۽ ڪجهه ذڪر سوره نجم ۾ ۽ حديثن (جي ڪتابن) ۾ تفصيل سان آيو آهي.

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن سمورن نبين ۽ ملائڪن جا سردار آهن؟

**جواب:** جي هائو هن آيت سڳوري مان پاڻ سڳورن جو نبين جو سردار هجڻ ثابت آهي ۽ جنهن وقت الله تعاليٰ پيغمبرن کان هي عهد ورتو ته جيڪي ڪجهه توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت مان ڏيان. پوءِ هڪ رسول سڳورو ان جي تصديق ڪرڻ لاءِ ايندو. توهان انهي تي ايمان آڻجو ۽ ان جي مدد به ڪجو. الله تعاليٰ فرمايو. ڇا توهان اقرار ڪريو ٿا؟ سمورن چيو هائو اسان اقرار ڪيو سون. الله تعاليٰ فرمايو ته توهان شاهد رهجو ۽ آئون به توهان سان گڏ شاهد آهيان پوءِ جيڪو انهي عهد کان پوءِ ڦرندو اهو گمراه ۽ بدڪار آهي (آل عمران).

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي حقيقت ڪي ڪير سڃاڻي سگهي ٿو؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي حقيقت ته وڏي شيءِ آهي، انسان ڪي ته سندي به خبر نه آهي. پاڻ سڳورن جي حقيقت ڪي سواءِ الله تعاليٰ جي ڪير به نه ٿو ڄاڻي، انهي ڪري انهي مسئلي تي بحث ڪرڻ کان ادباً بچڻ گهرجي ۽ دل ۾ پاڻ سڳورن جي محبت ۽ عظمت جي پرورش ڪرڻ کپي. عاشق محبوب جي حقيقت دريافت نه ڪندو آهي. ان ڪي ته سرفروشي ۽ جان نثار کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم نه آهي.

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي رحمت اڄا به جاري آهي؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليه و آله وسلم جن حيات النبي آهن ۽ رحمت جو سلسلو هر گز منقطع نه ٿيندو پاڻ سڳورن جي زندگي مبارڪ ڪي سمجهڻ جي لاءِ قرآن ڪريم هي آيت ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ شهيدن جي لاءِ چيو ويو آهي ته اهي مرندا ناهن. بلڪ اهي زنده آهن، ظاهر آهي ته شهيد ڪي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي محبت جي صدقي اها شهادت ملي آهي. انهي ڪري جنهن جي صدقي ابدي زندگي ملي، اهو خود زندگي کان ڪهڙي طرح محروم رهي سگهي ٿو. ان کانسواءِ هن حقيقت ڪي به سامهون رکڻ گهرجي ته شهيد جو پويان ڇڏيل مال ورهايو ويندو آهي ۽ ان جي گهر وارين سان ٻيا شادي (نڪاح) ڪري سگهن ٿا. پر حضور صلي الله عليه وسلم جن جو ڇڏيل مال ورهايو نه ويو ۽ پاڻ سڳورن جي حرمن مبارڪ ڪي ٻين سان نڪاح ڪرڻ حرام قرار ڏنو ويو. ڇو ته اهي مومن جون

مائرون آهن. انهي مان معلوم ٿيو تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتي مبارڪ شهيدن جي حياتي کان ڪيترا ئي درجا بلند ۽ بالا آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي پاڻ جهڙو بشر چوندا آهن. ڇا اهو صحيح آهي؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي پاڻ جهڙو بشر چوڻ تہ وڏي بيباڪي ۽ گستاخي جي ڳالھہ آهي. جليل القدر ملائڪن ۽ پيغمبرن جهڙو بہ نہ ٿو چئي سگهجي. ڇو تہ پاڻ سڀ سڳورا سمورن جا سردار ۽ سالار آهن. هيرو اگرچہ پٿر آهي، مگر ڪو بہ بيوقوف ان کي پٿر نہ چوندو. هيري ۽ عام پٿر ۾ ڪا بہ نسبت نہ آهي. هيرو املھہ آهي ۽ هي اهڙو پٿر آهي، جنهن کي ڪوڙن ٽڪن ۾ وٺڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ آهي.

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ٻين مذهبن بہ خبر ڏني آهي؟

**جواب:** جي هائو خصوصي طور تي انهن مذهبن خبر ڏني آهي. جن دين واحد اسلام مان ٽٽي پنهنجو الڳ رستو اختيار ڪيو. توريت ۽ انجيل جي تحريف (ڦير ڦار) جي باوجود بہ انهن ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو ذڪر مبارڪ آهي. انجيل برناباس ۾ تہ مختلف جاين تي صاف صاف حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو اسم گرامي محمد ۽ احمد بہ آيو آهي. گوتم ٻڌ جي باري ۾ لکيو آهي تہ ان مرڻ وقت پنهنجي چيلي سان ڳالھہ ڪئي تہ غمگين نہ ٿي، پنهنجي وقت تي هڪ رسول ايندو، جنهن کي ماڻهو "ميتريا" (رحمت اللعالمين) چوندا. آئون آخري نبي نہ آهيان. هندن جي مذهبي ڪتابن آٿر بن ويد، رگهہ ويد، يجر ويد ۽ راسنگ

رام وغيره ۾ وضاحت سان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو ذڪر مبارڪ ملي ٿو.

**سوال:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ولادت جي خوشي ملهائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** تمام سٺو ڪم آهي پاڻ سڳورن جي ئي ڪري هن ڪائنات جي مجلس سينگاري ويئي، هي ساوڪ ۽ سرهاڻ، هي چنڊ ۽ سج ۽ هي تارا سندن ئي قدم مبارڪ جي برڪت جو ظهور آهن. انهي ڪري ميلاد جي خوشي ملهائڻ تہ باعث برڪت ۽ رحمت ۽ موجب الفت ۽ محبت آهي ها انهي ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ هئڻ کپي جيڪا شريعت جي خلاف هجي ۽ نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏک ۽ تڪليف پهچائڻ جو سبب بنجي.

**سوال:** ڪي ماڻهو صلواه ۽ سلام پڙهڻ لاءِ بيهندا آهن، ڇا اهو صحيح آهي؟

**جواب:** انهي ۾ ڪو بہ حرج نہ آهي، حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ درود ۽ سلام جا تحفا ملائڪ پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ پيش ڪندا آهن. (صلواه وسلام) جڏهن اهڙي نموني سان پيش ڪيو ويندو تہ عاشقن جي انهي خاص ادا جو بہ ذڪر ڪيو ويندو، جيڪو باعث مسرت هوندو. ڪيترن عالمن ۽ صوفين سڳورن جو انهي تي عمل رهيو آهي، انهي ڪري انهي فعل کي ناجائز نہ ٿو چئي سگهجي. (1)

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ اهو طريقو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن زماني ۾ رائج نہ هو ۽ نہ اصحابن ۽ تابعين سڳورن جي زماني ۾؟

**جواب:** ڪنهن شيءِ جو انهي دؤرن ۾ نہ هجڻ هن ڳالهہ جو دليل نہ آهي تہ اهو ناجائز آهي، البتہ ممانعت ڪيل هجي تہ يقينن ناجائز آهي بر اسان

ڪيترين ئي اهڙين شين کي جائز ڪري ڇڏيو آهي، جن جي حديث شريف ۾ ممانعت آهي. مثال طور شاندار جايون ٺاهڻ جي ممانعت آهي ۽ وڏا وڏا شهر آباد ڪرڻ جي ممانعت آهي. هاڻي هنڻ ائين ڪيپي تہ جاين کي ڊاهيو وڃي ۽ شهرن کي ويران ڪيو وڃي. پوءِ جڏهن اسان اهڙيون ڪافي شيون برداشت ڪري رهيا آهيون، جن ۾ سراسر نقصان آهي تہ پوءِ اهڙي شيءِ کي ڇو نہ برداشت ڪري سگهون، جن جي ڪٿي بہ (حديث ۽ قرآن ۾) ممانعت نہ ڪئي ويئي آهي ۽ جنهن ۾ دنيا آخرت ٻنهي جو نفعو آهي.

★★★

---

**حوالو:** (1) قرآن ڪريم ۾ ارشاد الاهي آهي تہ الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن تي درود موڪلين ٿا. الله تعاليٰ جا ڪيترائي ملائڪ سڄورا، قيام جي حالت ۾ درود موڪلي رهيا آهن. تہ پوءِ قيام ۾ ڪو بہ حرج نہ آهي، بلڪ مستحسن امر آهي. هن اسان جي دور ۾ سرڪاري محفلن ۾ قومي ترانا پڙهڻ وقت قيام ڪندا آهن. حالانڪ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ نہ ترانا هئا ۽ نہ انهن جو اهو احترام ، پوءِ الائجي ڇا جي ڪري صلواه وسلام تي پابندي لڳائي ويندي آهي، هڪ نڪتو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ آيت سڳوري ۾ جيڪو صلواه وسلام جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انهي ۾ استمرار (دوام ۽ هميشگي) يعني ڪو بہ وقت درود ۽ سلام پڙهڻ کان خالي نہ رهي. هر وقت درود ۽ سلام پڙهندا رهو پر ازان ۽ نماز جي حالت ۾ اها اسمراري ڪيفيت ختم ٿي سگهي ٿي. مگر هتي بہ محبوب جي ذڪر ۽ درود و سلام کي شامل ڪري استمراري حالت کي قائم رکيو ويو". سبحان الله سبحان الله (مسعود)

**سوال:** ڇا حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن هن دنيا ڪان بعد ڪنهن ٻي دنيا اچڻ جي خبر ڏني اهي؟

**جواب:** قرآن شريف ۾ حشر ۽ نشر جنت ۽ دوزخ جي خبر ڏني ويئي آهي. ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن دنيا آخرت جي پوک قرار ڏنو آهي. يعني جيڪي ڪجهہ هن دنيا ۾ ڪيو ويندو. ان جي جزا ۽ سزا آخرت ۾ ضرور ملندي. ظالم پنهنجي ظلم جو مزو چکيندو ۽ مظلوم پنهنجي مظلوميت جي جزا لهندو. جيڪڏهن آخرت جو تصور سامهون نہ هجي ها نہ ظلم ۽ ستم جي ڳنڍ کلي نہ سگهي ها. انساني زندگي اڻ پوري معلوم ٿئي ها.

**سوال:** آخرت ڪنهن جو نالو آهي ۽ اها ڪهڙي منزل آهي؟

**جواب:** مرڻ کان پوءِ جنت ۽ دوزخ ۾ داخل ٿيڻ يا قيامت جي قائم ٿيڻ تائين واري عرصي کي آخرت ڪوٺيو وڃي ٿو. هن دينوي زندگي کان پوءِ اها ئي منزل درپيش آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو آخرت جو انڪار ڪندا آهن. جنهن جي لاءِ بہ ڪجهہ (وضاحت) فرمايو؟

**جواب:** جيڪي ماڻهو ٻئي زندگي جا منڪر آهِن. اهي يقينن پهرين زندگي جو اقرار ڪندا آهن. سوال هي آهي تہ جيڪا زندگي هڪڙو ڀيرو ممڪن آهي. ٻئي

پيري ممڪن ڇو نہ آهي، قرآن ڪريم اهو ئي دليل پيش ڪيو آهي ۽ بهار ۽ خزان جي منظر ڏانهن متوجہ ڪندي چيو آهي تہ جيڪو خدا هڪ ڀيرو وجود آڻي سگهي ٿو، اهو فنا ڪرڻ ڪان پوءِ ٻئي ڀيري وجود ۾ ڇو نہ ٿو آڻي سگهي؟ آخرت ۾ وري جيئرو ٿيڻ، اتڻ آخرت سان گڏ آهي، دنيوي زندگي جي ڊگهي دور ۾ انسان جي پنهنجي وجود ۾ ڪيترائي انقلاب اچن ٿا ۽ هي چيو وڃي ٿو تہ ٻڍا ٿيندو تہ هڪ جوان اهو نہ آهي، جيڪو ننڍپڻ ۾ هو ۽ هڪ پوڙهو اهو نہ آهي، جيڪو جواني ۾ هو، يعني ان جو گوشت ڪل ۽ هڏيون سڀ بدلجي چڪيون آهن. حالانڪ ان ڪي اسان مستقل طور تي جيئرو ڏسي رهيا آهيون. مگر اهو ڪيترائي ڀيرا مري جيءَ چڪو آهي. ان ڪانسواءِ هن حقيقت تي بہ غور ڪرڻ کپي تہ جيڪي خيال اسان جي دل ۾ اچن ٿا. اسان انهن ڪي جلدي وساري ڇڏيندا آهيون، مگر پوءِ بہ اهي زنده رهن ٿا ۽ وقتاً بوقتاً اڀرندا رهن ٿا ۽ انهي ۾اسان جي ارادي جو ڪو بہ دخل نہ آهي. اها حافظي ڪان سواءِ ڪا ٻي شيءَ آهي، جنهن تي اسان ڪي قدرت حاصل نہ هوندي آهي، ماهر نفسيات هن ڳالهہ ڪي سمجهڻ ڪان قاصر آهن جو دل جا خيالات انهي اهتمام سان گڏ کهڙي وڏي مقصد لاءِ جمع ڪيا وڃن ٿا. ظاهر آهي تہ اهو عظيم مقصد آخرت جي زندگي ئي ٿي سگهي ٿو. هي نڪتو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ انسان جي دل ۾ زنده رهڻ جي هڪ تڙپ آهي، جهڙي نموني سان معبود جي اڳيان نوڙڻ جي اتساهہ آهي. انساني فطرت خود ٻڌائي رهي آهي تہ اهو زنده رهندو ۽ مرڻ ڪان پوءِ هميشہ جي لاءِ مٽي ۾ ملايو نہ ويندو، ورنہ ان جي اندر ۾ جيئڻ جي ايتري سخت اداس نہ هجي ها.

**سوال:** قيامت ڪنهن کي چوندا آهن ۽ هي کهڙو عظيم حادثو آهي؟

**جواب:** قرآن ڪريم ۾ جاءِ بجا هن حادثي جو ذڪر ڪيو ويو آهن. جڏهن جي سمورو شمسي نظام درهم برهم ٿي ويندو ۽ ڪائنات ابتي سبتي ٿي ويندي، مرڻ کان پوءِ سمورا وري زنده ٿي اٿندا. الله تعاليٰ جي حضور ۾ حاضري ٿيندي ۽ عملن جي جزا ۽ سزا لهندا. (1)

**سوال:** قيامت ڪڏهن ايندي؟

**جواب:** قرآن شريف ۽ حديث ان جي اچڻ جو وقت، ڏينهن ۽ تاريخ نہ ٻڌائي آهي. البتہ ان جي اچڻ جا آثار ۽ نشانيون ضرور ٻڌايون آهن، جن نشانين مان ڪافي نشانيون ظاهر ٿي چڪيون آهن ۽ ڪيتريون ئي نشانيون ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ ڪيتريون ئي نشانيون مستقبل ۾ ظاهر ٿينديون. انهن مان ڪجهہ هي آهي 1. سج اولهہ طرف کان ايرندو. 2. دنيا ۾ هڪ قسم جو دونهون پکڙجي ويندو. 3. اولهہ ۽ اوڀر ۾ زمين ٽن جاين تي زازلي هيٺ ايندي. 4. يمن ملڪ جي پاسي هڪ باهہ ظاهر ٿيندي. 5. قرآن شريف کي (دنيا مان) کنيو ويندو. 6. دنيا ۾ ڪافر ئي ڪافر رهندا.

**سوال:** آخرت تي يقين رکڻ کي ڇو ضروري قرار ڏنو ويو؟

**جواب:** آخرت تي يقين رکڻ سان انساني زندگي ۾ (هڪ قسم جي) بهار اچي ويئي آهي، نہ تہ مايوسي ۽ نا اميدي کانسواءِ ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿئي ها. موت ان کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ آهي، زندگي هڪ قسم جو تماشو ۽ راند رهجي وڃي ها. تصور آخرت انسان جي نظر ۾ وسعت (ڪشادگي) پيدا ڪئي آهي، اهو محدود جهان مان نڪري هڪڙي لامحدود جهان ۾ داخل ٿيندو ۽ هي لامحدود جهان نہ هجي ها تہ زندگي ڪيتري نہ مختصر بي اثر ۽ ڪيتري نہ محدود هجي ها ۽ خدا تبارڪ و تعاليٰ تي ايمان آڻڻ کان پوءِ

اها ڳنڍ نہ ٿي کلي تہ آخرت دنيا ڪي ڇو پيدا ڪيو ويو ۽ عملن جي رنگا رنگي سان ڪيس ڇو سينگاريو ويو.

**سوال:** ڇا انسان مرڻ ڪان پوءِ ختم ٿي ويندو آهي؟

**جواب:** هر گز نہ جسم ضرور ختم ٿئي ٿو، اهو بہ ڪن انسانن جو باقي روح زنده رهي ٿو ۽ مرڻ ڪان پوءِ قيامت قائم ٿيڻ تائين پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن جي نيڪين مان مسفيض ٿيندو رهي ٿو. ائين سمجهڻ گهرجي تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ ترقي وارو عمل ختم نہ ٿو ٿئي ۽ عالم برزخ (قبر واري زندگي) ۾ بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملندو رهي ٿو. ان ڪانسواءِ اسان جي زندگي تي انهي تصور جو اثر تمام گهرو هوندو آهي. انسان کي ٻاهريون خوف ۽ خطرو مؤثر طريقي تي براين ڪان روڪي نہ ٿو سگهي، جيستائين اهو خوف اندر ۾ نہ هجي. مثال طور هڪ ملازم پنهنجي آفيسر ڪان ايستائين ڊڄندو رهي ٿو، جيستائين اهو ان جي اڳيان آهي، پر پٺ جيڪي چاهي ڪري ڇڏيندو آهي. پر الله تعاليٰ جي حضور ۾ حاضري ۽ جواب ڏيڻ وارو احساس ان کي خلوت ۽ اڪيلائپ ۾ بہ براين ڪان روڪي رکي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو آخرت تي ڪامل يقين هوندو آهي تہ عظيم معاشرو جنم وٺندو آهي.

**سوال:** روح جي حقيقت ڇا آهي ۽ اهو ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟

**جواب:** قرآن شريف تمام بهترين طريقي سان انهي عقده (ڳنڍ) کي حل ڪيو آهي، جيڪو اڄ تائين حل نہ ٿي سگهيو. قرآن ڪريم ۾ روح کي امر ربي چيو ويو آهي. يعني حڪم الاهي يا فرمان شاهي. فرمان شاهي ۾ ڪاغذ ۽ حرف فرمان نہ آهي، بلڪ اهو روح فرمان آهي، جيڪو ڪاغذ ۽ حرفن ۾ لکيل آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هڪڙي فرمان مان ٻيو

فرمان بي اثر نہ هجي ها. پوءِ اهڙي طرح انسان جو جسم ڪاغذ ۽ حرفن جي مثل آهي ۽ روح بمنزل فرمان الاهي جي آهي، پوءِ روح اهو نہ ڏسجڻ وارو حڪم آهي، جيڪو فرمان ۾ لڪيل هوندو آهي. انهي سان فرمان کي عزت ۽ مرتبو حاصل ٿيندو آهي.

**سوال:** قبر جي حقيقت ڇا آهي؟

**جواب:** حقيقت ۾ قبر اِن کڏ جو نالو نہ آهي، جنهن ۾ لاش کي دفن ڪيو ويندو آهي، بلڪ عالم بزرخ کي قبر چيو ويندو آهي. جنهن ۾ انسان مرڻ کان پوءِ قيامت تائين رهندو آهي. اهڙي طرح حادثي يا طبي موت سان مرڻ واري هر انسان کان انهيَ جهان ۾ سوال و جواب ڪيو ويندو.

**سوال:** عالم بزرخ ۾ قيامت تائين رهڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟

**جواب:** انهي جا سبب تہ تمام گهڻا آهن، انهن مان هڪ سبب هي معلوم ٿئي ٿو تہ انسان پنهنجي پونئيرن جي نيڪ عملن، خير خيرات وغيره مان نفعو وٺندو رهي ٿو ۽ انهن سان ان جي گناهن جو بار بہ هلڪو ٿيندو رهي ٿو. گويا دينوي مهلت کان پوءِ هي ٻئي برزخي مهلت آهي. پهرين قسم ۾ انسان خود پنهنجي لاءِ نفعا گڏ ڪري سگهي ٿو ۽ ٻئي قسم ۾ اهو مجبور هوندو آهي ۽ ٻيا ان لاءِ نفعي وارا عمل جمع ڪندا آهن.

**سوال:** ڇا عالم بزرخ ۾ روح پاڻ ۾ ملاقات ڪندا آهن؟

**جواب:** بيشڪ مومنن جا روح پاڻ ۾ ملاقات ڪندا رهن ٿا ۽ پنهنجن عزيزن جا حالات بہ دريافت ڪندا رهن ٿا. ڇو تہ ان وقت روح جسمن کان جدا هوندا آهن. انهي ڪ ـ ي رڪاوٽ جي ختم ٿيڻ کانپوءِ انهن جي اختيار ۽ طاقت ۾ حيرت انگيز اضافو ٿيندو آهي.

**سوال:** ڇا پوئين جون نيڪيون، خير خيرات وغيره مرڻ واري کي فائدو پهچائي سگهن ٿا؟

**جواب:** بيشڪ صدقو، خير ۽ خيرات ميت کي فائدو ڏين ٿا. انهي ڪري ميت جي عزيزن کي انهي جي باري ۾ غافل نه رهڻ کپي، خاص ڪري اولاد کي ڇو ته انهن جي عملن جو انهن جي ماءُ پيءُ سان گهرو تعلق آهي. زندگي ۾ انسان انسان جو محتاج آهي. مرڻ کان پوءِ ته ضرورت اجا به وڌي ويندي آهي. ڇو ته مرڻ وارو ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي، سواءِ خدا تعاليٰ جي محبوب ٻانهن (ولين) جي. (ڇو ته الله جا ولي روحاني مدد ڪن ٿا).

**سوال:** دنيا جي ڪمن جو آخرت جي زندگي سان ڪهڙو تعلق آهي؟

**جواب:** تمام مضبوط ۽ گهرو تعلق آهي جيڪڏهن اهو تعلق نه هجي ها ته انسانن جا عمل محض بي نتيجه ۽ بي مقصد رهجي وڃن ها. توهان ٿورو غور ڪندا ته توهان کي پروڙ پئجي ويندي ته آخرت جي سمورن ڪمن جو دارومدار دنيا جي ئي چڱن ۽ مٺن ڪمن تي هوندو آهي. گويا دنيا نه هجي ته آخرت جو تصور بي اثر ٿي رهجي ويندو آهي. ٻين مذهبن به انهي حقيقت کي ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۾ تسليم ڪيو آهي. آخرت جي تصور تي ڪامل يقين ٿي وڃي ته پوءِ دنيا جا سمورا ڪم سوارا ٿي وڃن. هي هڪڙو تصور هزار نصيحت وارين تقريرن تي وزندار رهندو. انهي ڪري پاڻ سڳورن جي زماني مبارڪ ۾ اسان کي تقريرن کان وڌيڪ عملي نمونو نظر اچي ٿو ڇو ته يقين کان پوءِ زبان نه چرندي آهي. بلڪ هٿ پير هلندا آهن.

**سوال:** حساب ڪتاب ڪهڙي طرح ٿيندو؟

**جواب:** ٻه ملائڪ جن کي ڪراماً ڪاتبين چيو ويندو آهي، اهي هر انسان سان گڏ آهن، هر هڪ گهڙي جي قول ۽ عمل کي محفوظ ڪري رهيا آهن،

اهي ئي اعمال نامہ قيامت جي ڏينهن انسان جي اڳيان پيش ڪيا ويندا ۽ انهي تي خود ان جو تحت الشعور ۽ هٿ پير شاهدي ڏيندا . انهي تصور مان هي ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ خدا تعاليٰ جي عدالت ۾ بغير فرد جرم ڏيڪارڻ جي سزا نہ ملندي آهي ڇو تہ اها ڳالهہ انصاف جي خلاف آهي ۽ الله تعاليٰ مطلق عادل آهي.

**سوال:** ميزان (ترازو) مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** ميزان جي حقيقت جو تہ الله تعاليٰ کي علم آهي. البت ان جو مقصد عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ جو آهي. پهرين ترازو جي صورت هڪڙي هئي. يعني هڪ ڏنڊي ۽ بہ پلڙا پر هاڻي گهڻن قسمن جون ترازو ايجاد ٿي چڪيون آهن انهي ڪري ان جي حقيقت کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ گهرجي. البت هي ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جهڙي طرح ترازو جي ذريعي انصاف عالم آشڪارا ٿئي ٿو. اهڙي طرح الله تعاليٰ جو انصاف بہ عالم آشڪارا ٿيندو ۽ ڏوهي پاڻ ان کي ڏسندا . اهڙو انصاف نہ ٿيندو. جنهن جو علم صرف الله تعاليٰ کي هجي ڇو تہ اها ڳالهہ انصاف جي تقاضا جي خلاف آهي جو انصاف ڪندڙ کي سڀ ڪجهہ معلوم هجي. ملزم ۽ ڏوهي کي ڪا بہ خبر نہ هجي.

**سوال:** پل صراط ڪنهن جو نالو آهي؟

**جواب:** انهي پل جي حقيقت کي بہ الله تعاليٰ بهتر ڄاڻي ٿو باقي سمورا انسان انهي مٿان لنگهندا ۽ پنهنجي صلاحيت ۽ لياقت مطابق انهي تان عبور ڪندا اهڙي طرح جنتي جنت ۾ ۽ دوزخي دوزخ ۾ ويندا .

**سوال:** ثواب ۽ عذاب ڪهڙي طرح ملندو؟

**جواب:** قرآن شريف ۾ جزا ۽ سزا جو تفصيلي ذڪر موجود آهي ۽ ان جي حقيقت جو الله تعاليٰ کي علم آهي. قرآن شريف ۾ جنتين جي آرام ۽ آسائش ۽ دوزخين جي عذاب ۽ سزا جو ذڪر موجود آهي. اڻ ڏٺل شين کي سمجهائڻ جي لاءِ انهن شين جي تشبيهه ڏني ويندي آهي. جيڪي نظرن جي اڳيان هجن. انهي ڪري هي ضروري نہ آهي تہ اهي شيون هو بهو اهڙيون هجن جهڙيون اسان ڏسي رهيا آهيون انهي ڪري جنت جي آسائشن ۽ دوزخ جي تڪليفن جو صحيح اندازو ڪرڻ مشڪل آهي.

★★★

**حوالو:** "(1) هڪ جاگرافيدان لکيو آهي تہ اسان جي آباد شهر ۽ ريتي واري سمنڊن جي هيٺيان هڪ قدرتي جهنم دکي رهي آهي. يا هيئن کٹي چئجي تہ اسان هڪ وڏي ڊائناميٽ تي ويٺا آهيون. جيڪو ڪنهن بہ وقت ڦاٽي سموري زميني نظام کي درهم برهم ڪري سگهي ٿو". (مسعود)

**سوال:** الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جا احڪام ڪيترا آهن؟

**جواب:** احڪام ته گهڻا آهن جيڪي قرآن حديث ۾ موجود آهن البته ڪجهه احڪام ٻڌائجن ٿا جيڪي هر انسان جي لاءِ ضروري آهن. صدقه، خيرات ڏيڻ. ظاهر ۽ باطل هڪجهڙو رکڻ. منافقت نه ڪرڻ. هٿ ۽ زبان سان ڪنهن تي ظلم نه ڪرڻ. شراب نه پيئڻ. زنا نه ڪرڻ. وياج نه وٺڻ. (هر ماڻهون کي) اخلاق سان پيش اچڻ. بد خلقي سان پيش نه اچڻ. طور ماپ پوري طرح ڪرڻ ڪوڙ نه ڳالهائڻ. سچ ڳالهائڻ. خيانت نه ڪرڻ. ديانتداري تي عمل ڪرڻ. وعدي خلافي نه ڪرڻ. مسلمان کي پنهنجو ڀاءُ سمجهڻ. هر مسلمان جو خير خواهه رهڻ. بزرگن جي عزت ڪرڻ. ننڍن تي شفقت ڪرڻ. اهل وعيال سان محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ. ماءُ پيءُ جي خدمت ڪرڻ. انهن کي ڪنهن به حالت ۾ نه جهڻڪڻ ۽ نه انهن جي حڪم جي خلاف ڪرڻ. مرحومن جي روح کي ثواب پهچائڻ. ننڍي وڏي گناهه کي هلڪو نه سمجهڻ. مذاق "يوگ" ۾ به خدا ۽ رسول جي حضور ۾ گستاخي نه ڪرڻ. اهل بيت ۽ اصحابن جي دل ۾ محبت رکڻ. الله تعاليٰ جي ذات و صفات ۾ ڪنهن شريڪ نه ڪرڻ. ڏک ۽ تڪليف ۾ الله تعاليٰ کان نا اميد نه ٿيڻ ۽ هر وقت ان جي ذات ڏانهن متوجه رهڻ. دين ۽ اسلام ۾ پنهنجي طرف کان اهڙي ڳالهه ايجاد نه ڪرڻ جنهن سان اسلام جي ڪنهن ڳالهه جي

مخالفت ٿيندي هجي، سنت جي طريقي تي هلڻ، الله وارن جي دامن کي مضبوطي سان وٺڻ ۽ انهن کان منهن نہ موڙڻ. مقصد تہ بيشمار اوامر ۽ نواهي (يعني چڱائي جو حڪم ڪرڻ ۽ برائي کان روڪڻ) آهن. مسلمانن کي گهرجي تہ انهن تي عمل ڪري پنهنجي آخرت سڌارين.

**سوال:** اسلام جا ارڪان ڪيترا آهن؟

**جواب:** اسلام جا پنج رڪن آهن.

(1) توحيد ڪلمو طيب پڙهڻ (2) نماز پڙهڻ (3) زڪوات ڏيڻ (4) رمضان جا روزا رکڻ (5) حج ادا ڪرڻ

انهن فرضن مان بنيادي اصول توحيد ۽ رسالت آهي. باقي متعلق آهن.

**سوال:** انهن ارڪانن جا مختلف تفصيل بيان ڪريو؟

**جواب:** پهرين رڪن جو تعلق ايمان سان آهي باقي رڪن جو تعلق عملن سان آهي هر رڪن ۾ بيشمار حڪمتون آهن. پهرين رڪن ۾ ڪلمي شهادت سان انسان انسانيت جي بلند ترين منزل تي پهچي وڃي ٿو. رڪن ٻئي ۾ نماز آهي. جيڪا ڪفر ۽ اسلام ۾ فرق پيدا ڪرڻ واري آهي ۽ پهرين رڪن تي استقامت ڪرڻ ۾ بي انتها مددگار آهي. ٽيون رڪن زڪوات آهي جنهن سان انساني معاشري ۾ اعتدال ۽ خوشحالي پيدا ٿيندي آهي ۽ دنيا سان تعلق رکندي بي تعلقي پيدا ٿيندي آهي جيڪو عين اسلام مقصود هوندو آهي. چوٿون رڪن حج آهي جنهن جي ادا ڪرڻ سان عالمي اتحاد ۽ يڪجهتي سان گڏو گڏ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي محبوب ٻانهن سان قربت ٿيندي آهي جيڪا تمام مفيد آهي. پنجون رڪن روزو آهي جنهن سان نفساني خواهشن ۾ اعتدال پيدا

ٿيندو آهي ۽ انسان الله تعاليٰ کي ويجهو ٿيندو آهي. انهي ڪري فرمايو ويو آهي تہ روزو منهنجي لاءِ آهي ۽ آئون ئي ان جي جزا ڏيندس.

**سوال:** دين ۽ شريعت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جواب:** دين تہ هڪ ئي آهي، يعني اسلام البت شريعت بدلجندي رهندي آهي. اها تبديلي قومن جي مزاج ۽ زماني جي گهرجن جي تحت ٿيندي رهي پر هڪڙي شريعت جي نفاذ کان پوءِ ٻي شريعت کي منسوخ ڪيو ويندو آهي. شريعت جي معنيٰ واٽ ۽ رستو آهي. هڪڙي منزل تائين پهچڻ لاءِ هڪ ٻئي پويان مختلف رستا اختيار ڪيا ويا. آخر ڪار منزل ملي ويئي ۽ اسلامي شريعت هميشہ لاءِ نافذ ڪئي ويئي.

**سوال:** ڪن بزرگن جي زبان مان هڪ لفظ طريقت جو بہ ٻڌو آهي، اهو ڇا آهي؟

**جواب:** در اصل طريقت شريعت جو روح آهي، جهڙي طرح جسم ۽ روح جدا جدا نہ آهن. اهڙي طرح شريعت ۽ طريقت بہ جدا جدا نہ آهن. اوامر ۽ نواهي جي ظاهري پيروي کي شريعت جي پابندي بنان تعبير ڪري سگهجي ٿو پر جيستائين انهيءَ پيروي ۾ اخلاص وارو روح شريڪ نہ ڪبو ۽ ڪامل عشق ساهہ ڻاهيندڙ نہ هوندو تيستائين پيروي جو حق ادا نہ ٿو ڪري سگهجي. اها ئي پيروي در اصل طريقت آهي. اها ڳالهہ عالم ۽ عارف جي صحبت ۾ ملندي آهي، ڪتابن جي پڙهڻ سان نہ ملندي آهي، انهي ڪري قرآن شريف جي سوره فاتحہ ۾ ٻانهن کي هدايت ڪئي ويئي آهي تہ هي دعا گهرو تہ "اي الله اسان کي تنهنجي چونڊيل محبوبن جي رستي تي هلاءِ" پوءِ طريقت جي آگاهي جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪنهن خدا جي پياري ٻانهي جو دامن هٿ ۾ جهلي (پوءِ شريعت جي حڪمن جي پابندي ڪندو رهي).

**سوال:** مسلمان جي تعريف ڇا آهي؟

**جواب:** مسلمان اهو آهي جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پنهنجي رب جي طرف کان پيغام آندو آهي ۽ جيڪي ڪجھ حضور جن فرمايو. ان کي دل ۽ زبان سان تسليم ڪري ۽ ان تي عمل بہ ڪري ۽ ان جي هٿن ۽ پيرن کان ماڻهو محفوظ رهن.

**سوال:** منافق ڇا کي چوندا آهن؟

**جواب:** منافق اهو آهي جنهن جي زبان اقرار ڪندڙ هجي ۽ دل باغي هجي. بخاري شريف ۾ منافق جون هي نشانيون ذڪر ڪيون ويون آهن.

(1) جڏهن ڳالهائي تہ ڪوڙ ڳالهائي (2) جڏهن واعدو ڪري تہ واعدي خلافي ڪري (3) جڏهن وٽس امانت رکي وڃي تہ خيانت ڪري (4) جڏهن جهڳڙو ڪري تہ گاريون ڏي.

**سوال:** ڪافر ۽ مشرڪ ڪهڙا ماڻهو آهن؟

**جواب:** ڪافر اهو آهي جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي ڪنهن بہ آندل پيغام جو انڪار ڪري ۽ مشرڪ اهو آهي. جيڪو الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪري.

**سوال:** ڇا ڪافر ۽ مشرڪ کي انهن جي نيڪ عملن جو بدلو ملندو؟

**جواب:** جيڪڏهن دنيا ۾ حاڪم پنهنجي سرڪش محڪوم ۽ آفيسر پنهنجي سرڪش ملازم کي نيڪ ڪمن تي انعام ڏي ها تہ شايد اهو ممڪن ٿئي ها پر اهڙي طرح ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي. بلڪ هزار نيڪين جي باوجود سرڪش ۽ باغي انسان کي ان جي سرڪشي ۽ بغاوت جي پوري پوري سزا ڏني ويندي.

**سوال:** ايمان ڪهڙي ڪيفيت جو نالو آهي؟

**جواب:** بخاري شريف ۾ آهي تہ يقين سموري جو سمورو ايمان آهي، يعني ايمان يقين جي مخصوص ڪيفيت ۽ حالت جو نالو آهي. جنهن جو مرڪز ۽ محور ذات الاهي آهي، مومن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو الله تعاليٰ جي وحدانيت سان گڏوگڏ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي رسالت جو بہ زبان سان اقرار ڪري ۽ دل سان تصديق ڪري. احڪام الاهي بجا آڻي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي دل ۽ جان سان پيروي ڪري. جيڪو زبان سان اقرار تہ ڪري ٿو پر دل سان تصديق نہ ڪري تہ اهو منافق آهي ۽ ان جي حالت ڪافر کان بہ بڇڙي ٿيندي، جيڪو زبان سان اقرار ڪري ٿو ۽ دل سان تصديق بہ ڪري ٿو پر احڪام بجا نہ ٿو آڻي تہ اهڙو ماڻهو فاسق آهي ۽ جيڪو زبان سان اقرار ڪري ٿو ۽ دل سان تصديق ڪري ٿو ۽ احڪام بہ بجا آڻي ٿو، مگر دين ۾ اهڙي نئين ڳالهہ ڪڍي ٿو. جيڪا شريعت جي مقرر ڪيل نہ آهي، بلڪ شريعت جي مخالف آهي. تہ اهڙو ماڻهو بدعتي آهي.

**سوال:** ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** (الف) ايمان مجمل يعني انهن ڳالهين جي تصديق ڪرڻ، جن ۾ ضروريات دين جا تفصيلي احڪام نہ هجن. اهو هي آهي

آمَنتُ بِاللهِ كَمَا هُوَ بِاَسمَائِہٖ وَ صِفَاتِہٖ وَقَبِلتُ جَمِيعَ اَحكَامِہٖ

ترجمون: "مون الله تعاليٰ تي ايمان آندو. جهڙي طرح هو پنهنجن نالن ۽ صفتن سان آهي ۽ مون سندس سمورا احڪام قبول ڪيا".

(ب) ايمان مفصل انهن ڳالهين جي تصديق آهي، جن ۾ ضروريات دين جو تفصيلي ذڪر موجود هجي. اهو هيءَ آهي.

آمَنتُ بِاللهِ وَمَلائِكَتِہٖ وَ كُتُبِہٖ وَرُسُلِہٖ وَاليَومِ الآخِرِ وَ القَدرِ خيرِهٖ وَ شَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالىٰ وَ البَعثِ بَعدَالمَوت ؕ

ترجمون: "مون الله تعاليٰ تي ايمان آندو ۽ ان جي ملائڪن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ تقدير (نيڪ ۽ بد کي الله تعاليٰ جي طرف کان سمجهڻ) تي ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئڻ تي".

ايمان مجمل ۽ مفصل کان پوءِ اهي ڪلما بہ معنيٰ سان ياد ڪرڻ گهرجن، جن ۾ الله تعاليٰ جي معبود برحق هجڻ ۽ پاڪي بيان ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ انهن ڪلمن جي تصديق بہ ڪرڻ گهرجي، اهي ڪلما هي آهن.

## پهريون ڪلمون طيب

لاالہ الا الله محمد رسول الله

**ترجمون:** "الله تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. محمد الله تعاليٰ جو سچو رسول آهي".

## ٻيون ڪلمون شهادت

اشهد ان لاالہ الاالله و اشهد ان محمدا عبدهٗ ورسولہٗ

**ترجمو:** "آئون شاهدي ڏيان ٿو تہ اللہ تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي ۽ شاهدي ڏيان ٿو تہ محمد صلي اللہ عليہ وآلہ وسلم ان جو ٻانهون ۽ رسول آهي".

## ٽيون ڪلمون تمجيد

سبحان اللہ والحمد للہ ولاالہ الا اللہُ واللہ اڪبر ولا حول ولا قوہ الا باللہ العلي العظيم.

**ترجمو:** "پاڪ آهي اللہ تعاليٰ ۽ سڀ تعريفون اللہ تعاليٰ لاءِ آهن ۽ اللہ تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي. اللہ تعاليٰ تمام وڏو آهي ۽ ڪا بہ قوت ۽ طاقت بزرگ ۽ وڏي شان واري رب جي (مدد) کانسواءِ نہ آهي".

## چوٿون ڪلمون توحيد

لاالہ الااللہ وحدہٗ لا شريڪ لہ لہ الملڪُ ولہ الحمد وهو عليٰ ڪُل شيءِ قديره

**ترجمو:** "اللہ تعاليٰ کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي. اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي. سموري جهان جي بادشاهي ان جي لاءِ آهي ۽ سموري تعريف ۽ واکاڻ ان جي لاءِ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي".

## پنجون ڪلمون استغفار

استغفر اللہ ربي من ڪل ذنب اذنبتہ عمدا اوخطاءً سراً او علانيتہ و اتوب اليہ من الذنب الذي اعلم ومن الذنب الذي لا اعلم انڪ انت علام الغيوب وستار العيوب و غفار الذنوب ولا حول ولا قوت الا باللہ العلي العظيم.

**ترجمو:** "آئون اللہ تعاليٰ کان معافي گهران ٿو. جيڪو منهنجو پالڻهار آهي. هر گناهہ کان جيڪو مون ڄاڻي واڻي ڪيو يا وسري ۾، لڪي ڪيم

يا ظاهر ڪيم ۽ آئون ان ڏانهن موٽان ٿو. (توبهہ ڪريان ٿو) انهي گناهہ ڪان جيڪو آئون ڄاڻان ٿو ۽ انهي گناهہ ڪان جيڪو آئون نہ ٿو ڄاڻان بيشڪ تون ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهين ۽ عيبن جو ڍڪيندڙ ۽ گناهن کي بخشيندڙ ۽ گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ چڱائي ڪرڻ جي طاقت الله تعاليٰ جي مدد کان سواءِ نہ آهي. جيڪو مٿانهون ۽ وڏي شان وارو آهي".

## ڇهون ڪلمون رد ڪفر

اللهم اني اعوذبک من ان اشرک بک شيئاً وانا اعلم بہ واستغفرک لما لا اعلم بہ تبت عنہ و تبراءت من الکفر والشرک والکذب والغيبۃ والبدعۃ والنميمۃ و الفواحش والبهتان و المعاص کلها واسلمت وآمنت واقول لا الہ الا الله محمد رسول الله

**ترجمون:** "اي الله آئون تنهنجي پناهہ گهران ٿو. انهي ڳالهہ کان جو ڄاڻندي ٻجهندي تنهنجي ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن کي شريڪ ٺاهيان ۽ توکان معافي گهران ٿو انهي ڳالهہ جي جيڪا اڻڄاڻائي جي ڪري مون کان تنهنجي حضور ۾ ڪنهن شرڪ خفي (لڪيل شرڪ) جو ارتڪاب ظهور ۾ اچي. پنهنجي گذريل زندگي ۾ جيڪي مون کان گناهہ ٿيا آهن. انهن جي معافي گهران ٿو ۽ آئينده جي لاءِ هر ننڍي وڏي گناهہ کان ۽ خاص ڪري ڪفر، شرڪ، ڪوڙ، بدعت چغل خوري، خراب ڪم، بهتان هڻڻ ۽ سمورن گناهن جي ڪمن کان ۽ مون مڃيو ۽ ايمان آندو ۽ آئون زبان سان بہ چوان ٿو تہ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي، محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم الله تعاليٰ جو سچو رسول آهي".

**سوال:** ڇا آخروي ڇوٽڪاري لاءِ ايمان ضروري آهي؟

**جواب:** جي هائو ايمان ضروري آهي، جھڙي طرح دنيوي معاملن ۾ دنيوي حاڪمن جي حڪمن تي هلي، انسان اوچتين آفتن کان بچندو رهي ٿو ۽ انهن کان منهن موڙڻ جي صورت ۾ چاهي ڪيترو بہ ڪٿي نيڪ هجي، پر سزا کان بچي نہ ٿو سگهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن شخص وٽ ايمان نہ آهي ۽ اهو هر نيڪي جو ڪم ڪري ٿو تہ اهي نيڪيون ڪنهن بہ حساب ۾ ناهن، ڇو تہ اصل ۾ نيڪي اطاعت (فرمانبرداري) ۽ بندگي آهي.

**سوال:** ڇا باطل قوتن جي خلاف جهاد ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** باطل قوتن جي خلاف جهاد ڪرڻ ايمان جو جز (حصو) آهي، پهچي سگهي تہ هٿ سان جهاد ڪري، نہ تہ زبان سان ۽ اهو بہ نہ پهچي تہ دل ۾ ان کي برو سمجهي. اهو ايمان جو ڪمزور ترين درجو آهي.

**سوال:** ڇا نيڪي ۽ بدي، خير ۽ شر سڀ الله تعاليٰ جي طرف کان آهن؟

**جواب:** جي هائو سمورا انهي جي طرف کان آهن پر نيڪي جي نسبت الله تعاليٰ ڏانهن ڪرڻ گهرجي ۽ بدي جي نسبت پانهو پاڻ ڏانهن ڪري. انهي ڳالهہ کي هڪ مثال سان سمجهي سگهجي ٿو. مثال هڪ اعليٰ حاڪم پنهنجي ماتحت حاڪم کي اختيار ڏي ٿو اهو انهي اختيار کي نيڪ ڪمن جي بجاءِ برن ڪمن ۾ صرف ڪري ٿو تہ هاڻ برن ڪمن جي نسبت ان نافرمان ماتحت حاڪم ڏانهن ئي ڪئي ويندي پر جنهن اختيار سان اهو برن ڪمن تي قادر ٿيو، اهو بهرحال اعليٰ حاڪم جو ڏنل هو. انهي لحاظ سان چئي سگهجي ٿو تہ چڱا ۽ خراب ڪم حقيقتاً اعليٰ حاڪم جي طرفان آهن. مگر ڪو بہ عقل مند انسان حقيقتـــا انهن بڇڙن ڪمن جو ذميوار اعليٰ حاڪم کي نہ ٿو چئي سگهي.

**سوال:** توهان چئو ٿا تہ انسان اختيار وارو آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن تہ بلڪل اهو مجبور معلوم ٿيندو آهي، پوءِ پيلا ٻڌايو تہ آخر انسان مجبور آهي يا مختار؟

**جواب:** انسان مجبور بہ آهي ۽ مختار (اختيار وارو) بہ آهي.

**سوال:** اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ ٻہ ضد واريون ڳالهيون هڪ شيءِ ۾ گڏ ٿين؟

**جواب:** اهو ٿي سگهي ٿو، مثال هڪ اعليٰ حاڪم پنهنجي ماتحت آفيسر کي ڪجهہ اختيار ڏنا تہ هاڻ اهو آفيسر انهن اختيارن جي حدن ۾ يقينن اختيار وارو آهي، مگر حدن کان ٻاهر مجبور بہ آهي، تہ پوءِ جيڪڏهن ماتحت آفيسر کان غلطي ٿي پوي تہ اعليٰ حاڪم انهي غلطي جي باري ۾ پڇا ڪندو، جيڪا هن جي اختيار جي دائري ۾ آهي ۽ اها پڇا ڳاڇا بلڪل عين انصاف جي تقاضا آهي.

**سوال:** اهلبيت ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون هستيون شامل آهن؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو اولاد ۽ سندن ازواج مطهرات اهل بيت ۾ شامل آهن. انهي ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم ۽ حسنين الڪريمين عليهما السلام بہ اهلبيت ۾ شامل آهن. ازواج مطهرات تہ بدرجہ اول اهل بيت ۾ شامل آهي. جو تہ قرآن شريف ۾ انهن کي مومنن جون مائرون قرار ڏنيون ويون آهن.

**سوال:** ڇا اهلبيت جي محبت ڇوٽڪاري موڃاري ٿيڻ لاءِ ضروري آهي؟

**جواب:** بيشڪ ضروري آهي.. اهل بيت سان محبت ڪرڻ در حقيقت حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان ئي محبت ڪرڻ آهي ۽ ظاهر آهي تہ پاڻ سڳورن جي محبت تي عاقبت موڃاري هجڻ جو دارومدار آهي.

**سوال:** حضرت بي بي فاطمہ الزهري رضي الله تعالي عنها جو مقام ۽ مرتبو ڇا آهي؟

**جواب:** حضرت بي بي سائڻ جنت جي عورتن جي سردار آهي. حضرت بي بي خديجہ الڪبري، حضرت بي بي عائشہ، حضرت بي بي مريم ۽ حضرت بي بي فاطمہ الزهري رضي الله تعالي عنهن تمام فضيلت وارين عورتن ۾ شمار ڪيون وڃن ٿيون.

**سوال:** حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم ۽ حضرات حسنين ڪريمين رضي الله عنهما جو مرتبو ٻڌائيندا؟

**جواب:** حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن جي لاءِ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ آئون علم جو شهر آهيان ۽ حضرت علي ان جو دروازو آهي ۽ حسنين ڪريمن رضي الله عنهما جن لاءِ پاڻ فرمايائون تہ اهي ٻئي جنت جي نوجوانن جا سردار آهن. ان کانسواءِ ٻيون بہ ڪافي سندن فضيلت ۾ حديثون آيون آهن.

**سوال:** توهان فرمايو آهي تہ بي بي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها اهل بيت ۾ شامل آهي ۽ سائڻ سڀوري جو شمار افضل عورتن ۾ ٿئي ٿو پر ڪي ماڻهو تہ سائڻ لاءِ برا لفظ چوندا آهن؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي حياتي مبارڪ ۾ ڪن ماڻهن پاڻ سڳورن تي طعنا هنيا ۽ تهمتون لڳايائون پر قرآن شريف ۾ انهن لاءِ سخت وعيد آئي آهي ۽ الله تعاليٰ انهن کي ملعون قرار ڏنو ۽ جيڪي ماڻهو برات واري آيتن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ بہ باز نہ اچن (تہ اهڙن ماڻهن کي ڇا تو ڪري سگهجي) حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها جي شرافت ۽ بزرگي تي قرآن شريف شاهد آهي. انهي کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن جي شاهدي ٿيندي، جيڪي ماڻهو اجا تائين سائڻ جي شان ۾ برا ڀڇڙا لفظ چون ٿا اهي نااهل ۽ سرڪش اولاد وانگر آهن. جيڪي پنهنجي مائرن کان بيزار آهن. قرآن شريف ۾ ازواج مطهرات کي مومنن جون مائرون قرار ڏنو ويو آهي. و ازواجہ امهاتهم (۽ سندن ازواج مطهرات انهن مومنن جون مائرون آهن) (الاحزاب 6-721) حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي ذات مبارڪ مسلمانن جي محبت جو مرڪز آهي، جنهن سان جيترو تنهنجو

تعلق آهي، ان سان ايتري محبت هئڻ گهرجي، اها ايمان ۽ محبت جي تقاضا آهي پر خرابي تڏهن پيدا ٿئي ٿي، جڏهن اسان نفساني جذبن کان مغلوب ٿي انهي مرڪز کي مٽائي ڇڏيندا آهيون پوءِ اسان جي نگاهن کان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي محبت ۽ الفت اوجهل ٿي ويندي آهي. ازواج مطهرات جي لاءِ تہ خود قرآن شريف ۾ ارشاد مبارڪ آهي "اي نبي جون گهر واريوءَ توهان ٻين عورتن وانگر نہ آهيو" (يعني عورتن ۾ توهان بي مثال آهيو) (الاحزاب 22/4)

**سوال:** ڪي ماڻهو حضرت امام حسين عليہ السلام جي ياد ۾ مجلسون منعقد ڪندا آهن ۽ سينو ڪٽيندا آهن ۽ روح راڙو بہ ڪندا آهن، ڇا اهي سموريون ڳالهيون جائز آهن؟

**جواب:** حضرت امام حسين عليہ السلام جن جي ياد ۾ مجلسون منعقد ڪرڻ تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي، پر ڳالهہ اها ڏسڻي آهي تہ خود اهل بيتن سڳورن سينو ڪٽيو آهي، حالانڪہ انهن سڳورن تہ سيني ڪٽڻ کان منع فرمائي آهي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن بہ منع فرمائي آهي. انهي ڪري اها سٺي شيءَ نہ آهي. مسلمانن کي انهي عمل کان پاسو ڪرڻ گهرجي، وصال کان پهرين حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ مون کي روئڻ، فرياد ڪرڻ ۽ دانهن ڪرڻ سان نہ ڏکوئجو (ملا باقر مجلسي حيات القلوب صہ 105) ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي وصال تي خود حضرت علي ڪرم الله وجہ الڪريم فرمايو تہ "يارسول الله! جيڪڏهن توهان صبر ڪرڻ جو حڪم نہ فرمايو ها ۽ واويلا ڪرڻ کان منع نہ فرمايو ها تہ اڄ اسان اکين ۽ دماغ جو پاڻي روئي روئي سڪائي ڇڏيون ها. (نهج البلاغتہ جلد الاول ص 491)

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن بي بي فاطمۃ الزهريٰ رضي الله عنها کي وصيت فرمائي تہ اي فاطمہ منهنجي لاڏڻ تي پنهنجو منهن نہ پٽجان ۽ وار ڇڙيل پکڙيل نہ ڇڏجان. واويلا نہ ڪجان. پار نہ ڪيجان ۽ نہ پار ڪيڻ وارين عورتن کي سڏجان (حيات القلوب ج 2. صہ 538. صہ 852) (جلاءِ العيون صہ 33 فروع ڪافي ج 2 صہ 228)

حضرت امام حسين عليہ السلام پنهنجي ڀيڻ بي بي زينب رضي الله تعاليٰ عنها کي وصيت فرمائي تہ جڏهن آئون شهيد ٿي وڃان تہ خبردار منهنجي جدائي جي غم ۾ گريبان نہ ڦارجان. سينو نہ ڪٽجان ۽ منهن نہ پٽجان. (اولاد بلگرامي. ذبح عظيم. دهلي صہ 238)

حضرت جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنہ جن جو ارشاد مبارڪ بہ (هن باري ۾) ملي ٿو تہ "جيڪي ماڻهو پنهنجي عورتن کي ماتم ڪرڻ ۽ پارن ڪيڻ جي مجلسن ۾ وڃڻ جي اجازت ڏيندا آهن ۽ سنها ڪپڙا پائڻ کان روڪن نہ ٿا. اهڙن ماڻهن کي اونڌو ڪري ڇڪي دوزخ ۾ وڌو ويندو". (فروع ڪافي ج 2 صہ 223 بحوالہ جلاءِ العيون)

حديث ۾ سيني ڪٽڻ وارن جي لاءِ سخت وعيد آئي آهي. پوءِ وري آل رسول عليهم السلام انهي فعل کي ڪيئن جائز ڪري سگهن ٿا. بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ هي حديث آهي تہ "اهو شخص منهنجي امت مان خارج آهي. جيڪو پنهنجي ڳلن تي ڌڪ هڻي ۽ سينو ڦاڙي ۽ جاهليت جا گفتا چوي". اهڙي طرح هڪ ٻي حديث شريف مسلم. بخاري ۽ مشڪواہ شريف ۾ اچي ٿي. جنهن ۾ پار ڪيڻ ۽ ماتم ڪرڻ وارن ۽ ٻڌندڙن تي لعنت ڪئي وئي آهي. حقيقت ۾ مسلمانن کي اهو ئي رستو اختيار ڪرڻ گهرجي. جيڪو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم. اهل بيت سڳورن ۽

اصحاب سڳورن جي عمل مان ظاهر آهي. حضرت امام رضا رضي الله عنه تمام سٺو چيو آهي. "دشمن کي معاف ڪرڻ اسان جو ڪم آهي ۽ اهو ورثو اسان کي آل يعقوب کان مليو آهي ۽ مصيبتن تي صبر ڪرڻ اسان جو شيوو آهي، جيڪو آل ايوب کان اسان کي ورثي ۾ مليو آهي". (فروع ڪافي ج 3 صه 144 حيات القلوب ج 1 صه 103، صه 228) حضرت امام باقر رضي الله عنه ارشاد فرمايو ته "وڏي بي صبري جا هي ڪم آهن واويلا ڪرڻ، دانهون ڪرڻ، سينو ڪٽڻ، منهن ۽ مٿي جا وار پٽڻ ۽ جنهن پيار ڪيڻ ۽ ماتم ڪرڻ وارين عورتن کي سڏي اچي ٻيهاريو انهي صبر کي ڇڏي ڏنو ۽ اسلام جي طريقي جي خلاف طريقو اختيار ڪيو ۽ جنهن صبر ڪيو ۽ الله جي تقدير تي راضي رهيو اهو رحمت الاهي ۽ اجر الـهي جو مستحق ٿيو ۽ جنهن صبر نه ڪيو ان جا عمل الله تعاليٰ ضايع ڪري ڇڏيندو. (حيات القلوب ج 2 صه 803، صه 804، صه 822)

مٿي ذڪر ڪيل سمورين حديثن ۽ آل رسول جي اقوالن مان معلوم ٿيو ته سينو ڪٽڻ بلڪ هر اهو عمل جنهن سان بي صبري ظاهر ٿئي اهو آل رسول وٽ صحيح ۽ سٺو ناهي. حقيقت ۾ سينو ڪٽڻ محبت نه آهي. بلڪ محبت اها آهي جو پنهنجي زندگي کي آل رسول عليهم السلام جي زندگي جي سانچي ۾ وجهي انهي طريقي تي هلڻ کي سچي محبت سڏيو ويندو آهي. ان ڪان پوءِ اهو به سوچڻ گهرجي ته سيد الشهداءِ حضرت امام حسين عالي مقام رضي الله تعاليٰ عنه جن ڪربلا جي ميدان ۾ جنهن ۾ تڪليف ۽ آزمائش ۾ پيا اها قدرت جي طرف ڪان اچتي هئي. ان ڪان پوءِ محبوبيت ۽ سرداري جو تاج سندن ئي سر مبارڪ تي رکيو ويو اهڙي حالت ۾ سينو ڪٽڻ به اجان وڌيڪ نامعقول معلوم ٿئي ٿو. ها اهي ماٺهو قيامت تائين

روئن رڙن جن پاڻ کي شهيد ڪيو. انهن اهڙو گناهه ڪيو آهي جنهن جو داغ قيامت تائين به ڌوپي نه ٿو سگهجي. اهل محبت مان جيڪڏهن ڪو ماتم ڪري ته ان کي سمجهائڻ گهرجي ڇو ته ان جي نظر ڪربلا جي ميدان کان اڳتي نه وڌي. ان ڪربلا جي خاڪ ۽ خون جي شفق سان چمڪندڙ سن کي اڀرندي نه ڏٺو هو. ان کي ڇئو ته ڪاري رات جو ماتم نه ڪريو. چمڪندڙ صبح کي پليڪار ڇئو ۽ انهي جي روشني سان هن خاڪدان عالم کي سينگاريو ۽ فخر سان دنيا جي اڳيان ڇئو ته اسان اهي آهيون، جيڪي ظالم ۽ ڪهر جي خلاف جڏهن اٿندا آهيون ته ساهه کي ساهه نه سمجهندا آهيون. اسان طوفان بنجي اٿندا آهيون ۽ سيلاب (ٻر) بڻجي ملڪ تي ظلم جي خلاف ڇانئجي ويندا آهيون. اسان حق چوندڙ آهيون ۽ حق سمجهندڙ آهيون.

**سوال:** اصحابي ڪنهن کي چوندا آهن؟

**جواب:** جيڪو شخص ايمان جي حالت ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ديدار کان مشرف ٿيو هجي ان کي اصحابي چوندا آهن.

**سوال:** ڇا انهن (اصحابن سڳورن) سان محبت ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** هر شخص سان محبت ڪرڻ ضروري آهي، جنهن حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن سان محبت ڪئي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن ان سان محبت فرمائي.

**سوال:** ڇا قرآن ۽ حديث ۾ به اصحابن سڳورن جي لاءِ ڪجهه هدايتون آيون آهن؟

**جواب:** قرآن ڪريم ۾ مهاجرن ۽ انصارن جي لاءِ آيو آهي ته رضي الله تعاليٰ عنهم و رضوي عنه (يعني الله تعاليٰ انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي

الله تعاليٰ کان راضي ٿيا). جڏهن الله تعاليٰ انهن کان راضي ٿيو ته پوءِ ڪنهن کي مجال آهي جو انهن سا ناراضگي جو اظهار ڪري. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ارشاد فرمايو ته "جيڪو اصحابن سڀني سان محبت ڪري ٿو ته اهو منهنجي محبت جي ڪري محبت ڪري ٿو ۽ جيڪو دشمني ڪري ٿو، اهو مون سان دشمني رکڻ جي ڪري دشمني ڪري ٿو. جنهن انهن کي تڪليف ڏني، انهي مون کي تڪليف ڏني ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني، ان الله تعاليٰ کي تڪليف ڏني ۽ جنهن الله تعاليٰ کي تڪليف ڏني، پوءِ قريب آهي جو الله تعاليٰ انهي کان پڪڙ ڪري". (مشڪوات شريف)

يعني حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اصحابين سڀني جي محبت کي پنهنجي محبت ۽ اصحابين جي دشمني کي پنهنجي دشمني قرار ڏنائون انهي ڪري مسلمانن کي اصحابين سڀني رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جو پورو پورو احترام ۽ ادب ڪرڻ گهرجي.

**سوال:** چار خليفا ڪهڙن اصحابن کي چوندا آهن؟

**جواب:** حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم رضي الله عنهم انهن سڀني کي چار خليفا چوندا آهن.

**سوال:** مسلمانن مان هڪڙو طبقو ڪن خليفن جي خلاف چوندو رهندو آهي ۽ انهن خليفن سان بدگماني به ڪندو آهي، ڇا اها بدگماني صحيح آهي؟

**جواب:** بدگماني ته هڪ معمولي مسلمان سان ڪرڻ به جائز نه آهي، پوءِ جليل القدر اصحابن ۽ خليفن سڀني رضي الله عنهم ۾ بدگماني ڪرڻ ڪيئن جائز ٿيندي. پهرين به عرض ڪيو ويو هو ته اسان جي محبت جو

مرڪز حضور اڪرم صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي ذات مبارڪ آهي ۽
جن سان پاڻ سڳورن کي انس ۽ محبت آهي ۽ جن پيارن حضور جن جي ذات
تي پنهنجا مال متاع گهوريا ۽ پنهنجا گهر ۽ ٻار قربان ڪيا. اهي يقيناً
محبت ڪرڻ جي لائق آهن ۽ انهن جي محبت ايمان جو جزو آهي. ڇٹن يارن
جي پاڻ ۾ چاهت ۽ محبت هوندي هئي. ان جو سبب اهو هو تہ انهن سمورن
جو تعلق حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن سان جان نثاري وارو
هو. حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن حضرت ابوبڪر صديق ۽
حضرت عمر فاروق رضي الله عنهم جي لاءِ فرمايائون تہ:

امَا مَانِ قَاسِطَانِ عَادلاَنِ كَا نَاعَلَي الحَقَ وَ مَاتَاعَلَي الحَقَ

"اهي ٻئي عدل ۽ انصاف ڪندڙ اڳواڻ هئا. هميشہ حق تي رهيا ۽ حق تي ئي
وصال فرمايائون"

حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم. حضرت ابوبڪر صديق ۽
حضرت عمر فاروق رضي الله عنهما جن جي لاءِ فرمايائون تہ:

وَلَعَمرِي وَ اِن مَكَا نَهُمَا فِي الاسلاَمِ لَعَظِيم

"مون کي پنهنجي عمر جو قسم بيشڪ انهن ٻنهي جو درجو اسلام ۾ تمام
بلند آهي" (شرح نهج البلاغتہ لابن حشيم البحراني ج 3 صہ 486 طبع طهران)
۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنہ بہ حضرت ڪرم الله وجهہ الڪريم جي
لاءِ فرمايائون تہ:

لَولاَ عَلِيٌ لَهَلَكَ عُمَرُ.

"جيڪڏهن علي نہ هجي ها تہ عمر هلاڪ ٿي وڃن ها".

قصد تہ انهن پيارن جي پاڻ ۾ ڪا بہ ڪدورت ۽ ڪينو نہ هو ۽ اها
هجي بہ ڪيئن. جڏهن تہ اسلام ۾ بغض ۽ ڪينو رکڻ سخت منع آهي ۽ ان

جي لاءِ سخت وعيد بہ آئي آهي. انهي ڪري ڪنهن مسلمان کي اهو نہ ٿو سونهي، جو انهن ڀلارن جي پاڻ ۾ ڪا بہ رنجش نہ آهي ۽ خوامخواهہ اهڙيون خراب ڳالهيون پيدا ڪري پنهنجي عاقبت خراب ڪري.

**سوال:** حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن جي خلافت جي باري ۾ ڪن ماڻهن کي اعتراض آهي، ڇا اهو اعتراض صحيح آهي؟

**جواب:** اهو اعتراض انهن مسلمانن کي ڪرڻ کپي ها، جيڪي سندن خلافت جي وقت زير خلافت هئا. ڇو تہ خلافت جو تعلق براہ راست انهن سان هو. هاڻي ڪنهن جو اعتراض ڪرڻ ائين آهي، جيئن گهڻي عرصي گذرڻ کان پوءِ ڪنهن ملڪ جو هڪ فرد صدين پهرين گذريل ڪنهن بادشاهہ جي خلاف آواز بلند ڪري (تہ فلاڻو ناحق تي هو، ڪرسي تي زوري قبضو ڪيو هئائين، حقدار تہ فلاڻو هو وغيره وغيره) تہ اهڙو نا معقول انسان نظر نہ ايندو. بيو تہ هاڻ عرض ڪيو ويو هو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن جليل القدر اصحابي آهن ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جا رفيق غار بہ آهن. انهي ڪري مسلمان کي کپي تہ سندن ذات تي اعتراض ڪري پنهنجي عاقبت خراب نہ ڪري. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جيتوڻيڪ خلافت جي لاءِ ڪو واضح ارشاد نہ فرمايو هئائون، مگر قريبن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورن جي طبيعت مبارڪ جو لاڙو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن ڏانهن هو. هيٺيون حقيقتون انهن امر جي وضاحت لاءِ ڪافي آهن.

1. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن وصال کان پهرين پنهنجي چاچي حضرت عباس رضي الله عنہ جي سالي حضرت ميمونہ رضي الله عنہ جي گهر هئا. جيڪا سائڻ پاڻ سڳورن جي زوجہ مطهره هئي ير پوءِ حضرت

عائشہ رضي الله عنها جي گهر ڏي تشريف وني ويا ۽ وصال مبارڪ تائين اتي قيام فرمايائون.

2. وصال کان پهرين ضعيف ۽ ڪمزوري جي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جن کي پنهنجي جاءِ تي امامت لاءِ مقرر فرمايائون. حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم فرمائي ٿو تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو وصال مبارڪ اچانڪ نہ ٿيو هو. بلڪ پاڻ بيمار رهيا. انهي بيماري جي دوران منهنجي هوندي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ امامت ڪرائي (يعني مون کي جيڪڏهن جان نشين ڪرڻو هجي تہ ضرور قولاً عملاً يا گهٽ ۾ گهٽ اشاره ڪجهہ فرمائين ها. انهي ڪري بيماري ڪجهہ وقت هئي، پر پاڻ سڀڳورن ائين نہ ڪيو). انهي ڪري جڏهن نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جو وصال ٿيو تہ مسلمانن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ مون بہ انهن سان گڏ سندن بيعت ڪئي. فبايعہ المسلمون و بايعتہ معهم (ڪنز العمال طبع قديم ج 6 ص 82)

حيات القلوب ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي هي وصيت ملي ٿي، جنهن جو راوي حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنہ آهي تہ "جيڪو شخص مون کان پوءِ واليءَ امر (يعني منهنجي مسند تي ويهي شريعت جا احڪام هلائيندڙ هجي) آئون ان کي خدا جي ياد ڏياريان ٿو (ص 85-1) هن روايت مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ حتمي طور تي (خلافت جي لاءِ) ڪنهن جو نالو نہ ورتو ويو هو ۽ قرطاس واري واقع جي پيش نظر جيڪو انديشو ظاهر ڪيو وڃي ٿو اهو بي حقيقت آهي، ڇو تہ پاڻ سڳورن جيڪڏهن حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن جي لاءِ

وصيت فرمائي هجي ها تہ تندرستي جي دؤران فرمائين ها . اها ڳالھہ ايتري معمولي نہ هئي جو وصال جي وقت ان جو اظهار ڪيو وڃي (پر اهو رواج جهان جي ٻين بادشاهن جو هو. جيڪي مرڻ وقت پنهنجي حڪومت جي باري ۾ وصيت ڪندا هئا باقي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ان تي عمل نہ ڪيو)

**سوال:** حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جن کي ڪهڙي ڳالھہ جي ڪري فضيلت حاصل هئي؟

**جواب:** حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جي فضيلت جا ڪيئي سبب آهن. انهن مان ڪجھہ هي آهن.

1. مردن ۾ سڀ کان پهرين پاڻ اسلام قبول ڪيائون.

2. هجرت جي وقت حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن پنهنجي خدمت ۽ رفاقت جي لاءِ پاڻ (ابوبڪر صديق رضي الله عنہ) کي چونڊيائون. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي رفاقت جي شهادت خود الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ ڏني آهي.

3. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جن جي نياڻي حضرت عائشہ رضي الله عنها حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي تمام پياري گھر واري هئي ۽ انهي ئي سانئڻ سڳوري جي گوڏي مبارڪ تي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن وصال فرمايو.

**سوال:** چا چئن يارن جي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن سان قرابت هئي؟

**جواب:** جي هائو. جيئن تہ اڳ ۾ بہ عرض ڪيو ويو آهي تہ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنہ جن جي نياڻي حضور جن جي نڪاح ۾ هئي ۽

حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جن جي نياڻي بہ حضرت حفصہ رضي الله عنها حضور جن جي نڪاح ۾ هئي ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ جن جي نڪاح ۾ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جون ٻہ نياڻيون هيون ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ جن جي نڪاح ۾ حضور جن جي تمام پياري نياڻي خاتون جنت حضرت بي بي فاطمۃ الزهريٰ رضي الله تعاليٰ عنها هئي. ان کانسواءِ حضرت علي ڪرم الله وجهہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو سڳو سئوٽ يعني حضرت ابو طالب رضي الله تعاليٰ عنہ جو فرزند هو. جيڪڏهن اهي نسبتون عزت ۽ مرتبي جي لائق آهن تہ پوءِ سمورن يارن جي عزت ڪرڻ گهرجي. محبت ۾ حڪومت ۽ سياست جو عمل دخل نہ آهي اها انهن ڳالهين کان بي نياز آهي. مسلمانن کي کپي تہ اهي پنهنجي محبت کي حڪومت ۽ سياست سان آلوده نہ ڪن بلڪ محبت کي صاف رکن.

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جا ناٺي نہ هئا. ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي؟

**جواب:** هائي هائي عرض ڪيو ويو هو تہ حضرت عثمان غني رضي الله عنہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو ناٺي هو، جهڙي طرح حيات القلوب ۾ لکيل آهي تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جون ٻہ نياڻيون حضرت رقيہ ۽ حضرت ام ڪلثوم رضي الله عنهما، حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ جن جي نڪاح ۾ هيون. انهن ٻنهي بي بي سڳورين جي نڪاح جي ڪري حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ جي مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

**سوال:** ڪي ماڻهو حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنهما جن ڪي برو ڳالهائيندا آهن، ڇا انهن جو اهو عمل صحيح آهي؟

**جواب:** انسان جو نفس آزاد آهي. جنهن کي چاهي برا لفظ چوي مگر اها وڏي جرات جي ڳالهه آهي ۽ مسلمانن کي اهو سونهي به نه ٿو جو ڪنهن مسلمان جي شان ۾ برا لفظ چوي، پوءِ اها ڳالهه ڪيئن سونهندي جو جليل القدر اصحابن سڳورن جي شان ۾ برا لفظ ڳالهائي (معاذ الله) حالانڪه حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ته پنهنجن دشمنن تي به لعنت نه ڪئي ۽ پاڻ فرمايائون ته مون کي الله تعاليٰ رحمت بڻائي موڪليو آهي. پوءِ مسلمانن جو عمل خصوصن اهلبيت جي عاشق جو عمل سنت جي خلاف نه هئڻ گهرجي. دنيا ۾ هزارين مهذب ۽ فرقا آهن. مگر ڪنهن به فرقي ائين نه ڪيو جو ٻئي فرقي جي وڏن بزرگن ۽ اڪابرن تي لعنت ڪري اها ڪنهن جي به عادت نه آهي، مسلمانن کي مشرڪن سان سخت اختلاف آهي، پر نه انهن جي مجلسن ۾ ۽ نه ئي اسان جي مجلسن ۾ هڪ ٻئي کي گارگند ڏيڻ جو ڪو سلسلو آيو آهي. اهو ئي حال يهودين ۽ نصرانين جي محفلن جو آهي. گار گند واري ڳالهه نا معقول ۽ تمام اڻوڻندڙ ۽ جاهلاڻه آهي. انهي ڪري هن جديد دنيا ۾ اهڙي نا معقول ڳالهه ڪٿي به نظر نه ٿي اچي، جيڪڏهن ڪو مسلمان ايترو تنگ نظر ۽ تنگ حوصلو آهي ته ان کي غور ۽ فڪر ڪرڻ کپي ڇو ته هر انسان پنهنجي ساٿين سان سڃاتو ويندو آهي. انهي ڪري جيڪڏهن اسان اصحابن سڳورن کي گارگند ڏني سون ته غير مسلم سوال ڪرڻ وارو اسان کان سوال ڪري سگهي ٿو ته جڏهن نبي جي رفيقن جو اهو حال هو ته پوءِ اسان اهو ڪيئن سمجهون ته نبي صلي

الله عليہ وسلم اهڙو هو جهڙو توهان چئو ٿا؟ گويا اسان پنهنجي نا عاقبت انديشي جي ڪري اسلام جي ستونن کي ڊاهي رهيا آهيون ۽ اسان کي ان جي خبر بہ نہ آهي. اسان تي لازم آهي تہ اصحابن سڳورن جي عظمت کي اجاگر ڪريون، ڇو تہ اسلام جي عظمت حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم اهلبيت عظام ۽ اصحابن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جن سان وابستہ آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو خلافت ۾ حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن کي اوليت جو درجو ڏيندا آهن، ڇا اهو صحيح آهي؟

**جواب:** قديم زماني جا ماڻهو طبعي طور تي وراثت جا پوڄاري هوندا هئا ۽ انهي ذهنيت شاهپرستي کي جنم ڏنو هو. هڪڙو بادشاهہ مرندو هو تہ ان جي جاءِ تي (مسند تي) ان جي پٽ کي ويهاريو ويندو هو. اسلام اچي وراثت پرستي ۽ شاهہ پرستي واري سياست کي ختم ڪيو. اهو تمام وڏو انقلاب هو. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي نريني اولاد زنده نہ رهڻ ۾ هڪڙي وڏي حڪمت اها بہ ٿي سگهي ٿي تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ ممڪن هو جو پاڻ سڳورن کان پوءِ قديم دستور مطابق سندن فرزند مبارڪ کي خليفو ٺاهيو وڃي ها. انهي ڪري جڏهن ڪافرن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم کي طعنو هنيو تہ توهان بي اولاد آهيو، تڏهن الله تعاليٰ فرمايو تہ منهنجو محبوب ابتر نہ آهي. ابتر (يعني هر خير کان محروم) اهو آهي، جنهن جي شاهي پرستي واري سياست ختم ٿي چڪي آهي ۽ دنيا ڏٺو تہ واقعي اها سياست ختم ٿي چڪي ۽ ختم ٿي رهي آهي، ممڪن آهي جو حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن جي خلافت جي اوليت ۾ اها ئي ذهنيت ڪار فرما هجي. بهرحال مسلمانن تي لازم آهي تہ خليفن جنهن

شيءَ کي پنهنجي لاءِ پسند نہ ڪيائون ۽ خاموش رهيا تہ اسان بہ خاموش رهون، خومخواه مدعي ٿي گمراه نہ ٿيون ۽ هي ڳالھ ذهن ۾ رکو تہ چئن يارن مان ڪنهن کي بہ ڪرسي يا عهدي جي ڪا بہ لالچ نہ هئي، انهن جو معاشرو انهي ڳالھ جي شاهدي ڏيندڙ آهي، جنهن کي (ڪرسي يا عهدي جي) لالچ هوندي آهي، اهو پيچندو ٻوڙندو رهندو آهي. مگر هي سڀ ئي سڳورا انهن ڳالهين کان پاڪ هئا. مجتهد شيخ ابو منصور احمد بن علي الطبرسي پنهنجي ڪتاب "احتجاج طبرسي" ۾ حضرت امام محمد باقر رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت نقل ڪئي آهي تہ جڏهن حضرت اسامہ رضي الله تعاليٰ عنہ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان پڇيو تہ فهل با يعتہ؟ ڇا توهان حضرت ابو بڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جن جي بيعت ڪئي؟ تڏهن پاڻ جواب ۾ فرمايائون تہ هائو مون بيعت ڪئي. (احتجاج الطبرسي مطبوعہ مشهد سنہ 1302هہ صہ 50)

انهي ڪري خلافت جي باري ۾ جيڪي ماٺهو حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنہ جن کي اوليت جو درجو ڏين ٿا. اهي خود حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جن جي منشا جي خلاف ڪن ٿا.

**سوال:** ڇا مسلمان جي لاءِ تقليد (پيروي) ضروري آهي؟

**جواب:** تقليد تہ هر مسلمان لاءِ ضروري آهي بلڪ ڏنو وڃي تہ هر انسان جي لاءِ ضروري آهي. دنيا جي سمورين ترقين جو دارومدار تقليد تي آهي. جيڪڏهن انسان تقليد نہ ڪري تہ ان جي لاءِ هلڻ، ڦرڻ، اوڍڻ، پهرڻ، کائڻ، پيئڻ ۽ سوچڻ، سمجهڻ بہ مشڪل ٿي پوي. جڏهن تقليد کانسواءِ عام زندگي گذارڻ مشڪل آهي تہ مذهبي زندگي تقليد کانسواءِ ڪيئن گذاري سگهبي. قرآن شريف ۾ خود حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي حضرت ابراهيم خليل الله عليہ الصلواه والسلام جن جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. انهي جي ڪري مسلمانن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي مجتهدن سڀني جي تقليد ڪن.(1)

**سوال:** مجتهد ڪير آهن؟

**جواب:** مجتهد تہ گهڻا گذريا آهن، پر انهن مان چار مشهور آهن. يعني 1. حضرت امام اعظم ابو حنيفہ رحمتہ الله عليہ امام ابو حنيفہ جي پيروڪارن کي حنفي سڏيو وڃي ٿو. (2) حضرت امام شافعي رحمتہ الله عليہ. امام شافعي جي پيروڪارن کي شافعي سڏيو وڃي ٿو. 3. حضرت امام مالک رحمتہ الله عليہ. امام مالڪ جي پيروڪارن کي مالڪي سڏيو وڃي ٿو. 4. حضرت امام احمد بن حنبل رحمتہ الله عليہ. امام احمد جي پيروڪارن کي حنبلي سڏيو وڃي ٿو. مسلمان انهي بابت اختيار وارا آهن، جنهن جي بہ

پيروي ڪن.

**سوال:** ڇا سمورا مُجتهد حق تي آهن؟

**جواب:** جي هائو سمورا حق تي آهن. ڇو ته سمورن قرآن ۽ حديث جي عملن تي ممڪن غور و فڪر ڪري وڏي تحقيق سان مسئلا ڪڍيا آهن ۽ اسلامي فقه کي مرتب ڪيو آهي. انهن بزرگن جو اسان مسلمانن تي خصوصي احسان آهي. اصحابن سڳورن رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ پاڻ سڳورن جي ڏسيل ترتيب مطابق قرآن شريف کي جمع ڪيائون. محدثن ۽ فقيهن فقه ۽ حديث کي جمع ڪيو. اهڙو مثال ٻين مذهبن ۾ نه ٿو ملي سگهي. ڪنهن به مذهب ۾ اهڙو اهتمام نه ڪيو ويو. جيڪو محدثن ۽ فقيهن سڳورن ڪيو.

**سوال:** ڇا مجتهدن مان ڪنهن نه ڪنهن هڪ جي پيروي ڪرڻ ضروري آهي؟

**جواب:** جي هائو ضروري آهي. ڇو ته ايترو وقت ڪنهن وٽ آهي. جيڪو قرآن شريف ۾ غور و فڪر ڪري مسئلا ڪڍي ۽ پوءِ انهن تي عمل ڪري اڄ ڪلهه ته قرآن شريف ڏسي پڙهڻ به مشڪل ٿي ويو آهي. (ماڻهو جو رجحان دنيوي تعليم ڏانهن گهڻو تي ويو آهي) قرآن کي سمجهڻ ته وڏي ڳالهه آهي. انهي ڪري تقليد کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه آهي.

**سوال:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ صرف قرآن شريف هو ۽ ٻي ڪا شيءِ نه هئي ته پوءِ اسان کي ايترا ٻيا علم پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

**جواب:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي زماني مبارڪ ۾ ٻين علمن جي انهي ڪري ضرورت نه هئي. جو پاڻ سڳورا خود موجود هئا. جنهن به مسلمان کي جنهن مسئلي جي ضرورت درپيش آئي، پاڻ سڳورن

ڪان پوءِ ونندو هو پر حضور جن جي زماني مبارڪ ڪان پوءِ اسلام جو دائرو وسيع ٿيندو ويو ۽ ڪيترائي عجمي ماڻهو اسلام ڪان مشرف ٿيا ۽ اسلام جي خلاف دشمنن هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا ۽ نوان نوان فتنا پيدا ٿيا. انهي ڪري مجتهدن سڀُورن ڪوشش ڪئي ۽ انهي طرف متوجہ ٿيا ۽ تفسير، حديث ۽ فقہ جو هڪ قابل قدر ذخيرو اسان کي فراهم ڪيائون.

**سوال:** اهل سنت و جماعت ڪير ماڻهو آهي؟

**جواب:** اهي مسلمان جيڪي اڳين بزرگن جي طريقي تي ثابت قدم رهيا. محبت، الفت ۽ جانثاري سان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سنت تي بہ ثابت قدم رهيا.

**سوال:** ظاهري علمن جي مقابلي ۾ باطني علم بہ آهن ڇا؟ ڪي ماڻهو ان جو انڪار ڪندا آهن؟

**جواب:** تنگ نظري جي ڪري اسان هر انهي شيءِ جو انڪار ڪندا آهيون. جنهن کي اسان جون اکيون نہ ٿيون ڏسن. پر حقيقت هي آهي تہ جهڙي طرح بدن جي هوندي روح بہ آهي. اهڙي طرح ظاهري علمن سان گڏوگڏ باطني علم بہ آهن ۽ جهڙي طرح ظاهري علمن سان ظاهر احوال ٺيڪ ٿين ٿا. اهڙي طرح باطني علمن سان باطني احوال درست ٿين ٿا. ظاهري علم تہ هر عالم وٽ ملي ويندو آهي. پر باطن جو علم هر ماڻهو وٽ ملي نہ ٿو سگهي. باطن جو علم رکڻ وارا الله جا ولي آهن ۽ الله وارن جي نشاني اها آهي تہ اهي ظاهري شريعت تي عامل ۽ ڪامل هوندا آهن انهن سڀُورن جو قول ۽ عمل سنت جي مطابق هوندو آهي. صحيح عقيدو رکي جيڪڏهن انهن جي صحبت اختيار ڪندو تہ الله تعاليٰ ڏانهن رغبت حاصل ٿيندي آهي. اگر اهڙو ڪو انسان ملي وڃي تہ ان جو دامن مضبوطي سان وٺڻ گهرجي. جيئن تہ ظاهري ۽ باطني علمن سان مستفيض ٿي سگهجي.

**سوال:** پير ڪامل جي لاءِ ڪهڙن شرطن جو هجڻ ضروري آهي؟

**جواب:** پير جي لاءِ ضروري آهي تہ اهو صحيح العقيده سني هجي. شريعت جي علمن مان ايترو واقف هجي جو ضرورت جي مطابق مسئلا معلوم ڪري سگهي. اجازت جو صاحب هجي ۽ ان جي طريقت جو سلسلو متصل (ڳنڍيل) هجي. منقطع نہ هجي. پير جي لاءِ اهو ضروري ناهي جو اهو تارڪ دنيا ۽ گوشہ نشيني اختيار ڪندڙ هجي. پير ڪنهن هنر يا پيشي وارو بہ ٿي سگهي ٿو. واپاري بہ ٿي سگهي ٿو، ملازم، حاڪم، بادشاھ، فقير ۽ مسڪين بہ ٿي سگهي ٿو. اها قدرت جي ڏات آهي. جنهن کي ڏي، جنهن کي جتي چاهي نوازي، ها مگر جاهل ڪامل، ولي نہ ٿو ٿي سگهي.

**سوال:** ڇا انهن پيرن جي پيروي ڪرڻ بہ ضروري آهي؟

**جواب:** جي هائو ڪامياب زندگي گذارڻ جي لاءِ انهن جي پيروي بہ ضروري آهي. تاريخ جي مطالعي مان اندازو ٿئي ٿو تہ جن بہ ماڻهن انهن جي پيروي ڪئي. اهي نقصان ۾ نہ رهيا، بلڪ زندگي ۾ شاندار ڪاميابي ماڻيائون. انهي تاريخي حقيقت کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شهادت ٿي سگهي ٿي؟ ان کانسواءِ خود قرآن شريف ۾ سورت فاتحہ ۾ ان طرف توجہ ڏياري وئي، آهي (ان مان معلوم ٿيو تہ) انهن پيرن جي پيروي ڪرڻ عين زباني منشا جي مطابق آهي.

**سوال:** هي جو چيو وڃي ٿو تہ الله وارن قرآن ۽ حديث جي حڪمن کان تجاوز ڪيو اٿن ۽ شريعت جي رستي کان هٽي ويا آهن. اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي؟

**جواب:** اها ڳالهہ هر گز ائين نہ آهي. حقيقت حال هي آهي تہ ماڻهن کي اولياءَ الله جي سڃاڻڻ ۾ مغالطو ٿي ويو آهي. انهن پنهنجي معيار مطابق ڪنهن کي ولي سمجهي ورتو، پوءِ ان کان ڪو ڪم شريعت جي خلاف

ورزي ڪندي ڏٺائون پوءِ اها ڳالهه ماڻهن ۾ مشهور ڪري ڇڏيائون تہ فلاڻي ولي شريعت جي خلاف ڪم ڪيو حالانڪ شريعت جي خلاف ورزي ڪندڙ ولي تہ ٺهيو پر مسلمان بہ نہ رهندو. ها اها ڳالهه ضروري آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن ڪي ڳالهيون خلاف شرع محسوس ٿينديون آهن پر اهي حقيقت ۾ ائين نہ هونديون آهن تہ پوءِ اهڙن معاملن ۾ خاموشي اختيار ڪرڻ گهرجي. خصوصن جڏهن اها ڳالهه معلوم هجي تہ اهو شريعت تي سختي سان پابندي ڪندڙ آهي ۽ انهي ڪان ڪڏهن بہ خلاف شرع ڪو ڪم نہ ٿيو آهي ۽ نہ وري هن ڪڏهن خلاف شرع ڪا ڳالهه ٻڌڻ گوارا ڪئي آهي.

**سوال:** اولياءَ الله ڪيترا گذريا آهن ۽ انهن جا قائم ڪيل مشهور سلسلا ڪهڙا آهن ۽ انهن جا نالا ڇا آهن؟

**جواب:** اولياءَ الله بيحد ۽ بيشمار آهن. الله تعاليٰ ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ اولياءَ الله ڪيترا پيدا ٿيا. ڪيترا هن وقت آهن ۽ آئينده ڪيترا هوندا. فارسي، عربي، اردو ۽ سنڌي جي بيشمار ڪتابن ۾ هزارين ولين جا حالات لکيل آهن. مسلمانن کي گهرجي تہ انهن ڪتابن جو مطالعو ڪن. ڇو تہ نيڪن جي سيرت پڙهڻ سان عجيب تاثير پيدا ٿيندو آهي. جهڙي طرح انهن جي صحبت ۾ عجيب اثر هوندو آهي. مختلف اوليا الله جن جي نسبت سان بيشمار طريقت جا سلسلا وجود ۾ آيا. جن مان هي چار طريقا مشهور آهن. 1. قادريہ: هي طريقو حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رحمتہ الله عليہ جن ڏانهن منسوب آهي. 2. نقشبندي: هي طريقو حضرت خواجہ بهاؤ الدين نقشبند رحمتہ الله عليہ جن ڏانهن منسوب آهي. 3. چشتي: هي طريقو حضرت خواجہ معين الدين چشتي اجميري رحمتہ الله عليہ جن ڏانهن منسوب آهي. 4. سهروردي: هي طريقو حضرت شهاب الدين سهروردي رحمتہ الله عليہ جن ڏانهن منسوب آهي. مٿي ذڪر ڪيل سلسلن

مان ڪنهن بہ سلسلي ۾ ڪو مرد ڪامل نظر اچي تہ ان جو دامن وٺڻ گهرجي ۽ انهي کان هدايت حاصل ڪجي. جهڙي طرح شاگردي حاصل ڪرڻ کانسواءِ ظاهري علم نہ ٿو ملي سگهي. اهڙي طرح بيعت ۽ ارادت کان سواءِ باطني علم بہ نہ ملندو مگر جنهن تي الله تعاليٰ خاص ڪرم ڪري (اهو انهي حڪم کان جدا آهي).

**سوال:** هي جو چيو ويندو آهي تہ اولياءَ الله تقدير کي بدلائي ڇڏيندا آهن، اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي؟

**جواب:** تقدير تہ الله تعاليٰ ئي بدلائيندو آهي. ها اها ضروري آهي جو الله تعاليٰ پنهنجن ڪن خاص ٻانهن کي لامحدود اختيار عطا فرمايا آهن. پوءِ انهن اختيارن کي جهڙي طرح چاهين استعمال ڪندا آهن. جهڙي طرح دنيا ۾ سربراهہ مملڪت پنهنجي ماتحت وزيرن کي اختيار ڏيندو آهي ۽ اهي انهن اختيارن کي استعمال ڪندا آهن. پوءِ ظاهر ۾ ماتحت وزير اختيار وارا معلوم ٿيندا آهن. مگر حقيقت ۾ اهو اختيار سربراهہ مملڪت جو آهي. اهڙي طرح اختيار تہ الله تعاليٰ جو ئي آهي. هاڻ اهو جنهن کي چاهي مختار بنائي. ان جي مرضي آهي.

**سوال:** ڇا دين ۽ اسلام ۾ تبليغ ضروري آهي؟

**جواب:** تبليغ ڪرڻ تہ هر وقت ضروري آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کان پوءِ اصحابن سڳورن، تابعين، طبع تابعين.انهن کان پوءِ امت جي نيڪ ۽ صالح ٻانهن ۽ اسلام جي عالمن انهي اهم فريضي کي سرانجام ڏنو. جيڪڏهن امت جا اولياءَ ۽ عالم سڳورا تبليغ نہ ڪن ها تہ اڄ اسلام کي ايترو فروغ نہ هجي ها. جيترو اسان ڏسي رهيا آهيون. هي چمن انهن بزرگن جي ڪوشش جو ئي نتيجو آهي. جنهن کي اڪثر ماڻهو نہ ٿا سمجهن.

**سوال:** تبليغ مشرڪن ۽ ڪافرن کي بہ ڪرڻ گھرجي يا مسلمان کي؟

**جواب:** حقيقي تبليغ تہ اها ئي آهي تہ ڪافرن ۽ مشرڪن ۾ دين ۽ اسلام جو پيغام پهچايو وڃي پر جيڪڏهن ايتري همت نہ آهي تہ پوءِ انهن مسلمانن جي حالتن کي سڌارڻ گھرجي. جيڪي دين جي احڪامن کان بيخبر ۽ غير واقف آهن. هي بہ هڪڙي ديني خدمت آهي پر انهي ۾ ذري برابر بہ غرور ۽ تڪبر نہ ڪرڻ گھرجي، جنهن کي پنهنجي نيڪي تي غرور ۽ تڪبر ٿيو. اهو الله تعاليٰ جي نظر ۾ حقير ٿيو ۽ هي بہ خيال رکڻ گھرجي تہ اهلسنت جي عالمن ۾ جيڪو بہ صحيح العقيد عالم هجي ان جا ڪتاب پڙهڻ گھرجن.

**سوال:** ڪي ماڻهو چون ٿا تہ هاڻي مشرڪن کي تبليغ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. بلڪ مسلمانن کي تبليغ ڪرڻ گھرجي، اها ڳالهہ ڪيتري قدر صحيح آهي؟

**جواب:** مشرڪن کي تبليغ ڪرڻ تہ هر وقت ضروري آهي. اها ايستائين ضروري آهي، جيستائين اهي ڪافر ۽ مشرڪ آهن. البت اها ڳالهہ الڳ جدا آهي تہ هاڻ همت ايتري نہ رهي آهي. جو ڪافرن جي اڳيان اسلام جو پيغام پيش ڪرڻ سان ڊپ ۽ خوف لڳندو آهي. اها ايمان جي ڪمزوري آهي. ان تي اها تاويل ڪري ڇڏجي تہ هاڻ تبليغ جي ضرورت نہ رهي آهي. اها سخت بيحيائي جي ڳالهہ آهي.

**سوال:** ڇا مسلمانن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي اهل وعيال جي ذميدارين کان بي پرواهہ ٿي دين جي تبليغ ڪرڻ لاءِ نڪرن؟

**جواب:** پهرين اهل وعيال جي خبر وٺو. ماءُ پيءُ جيڪڏهن ضعيف آهن تہ انهن جي خدمت ڪريو. اها مذهب کان جدا شيءِ نہ آهي. بلڪ عين مذهب آهي. مگر اڪثر ماڻهو انهي ڳالهہ کي سمجهن نہ ٿا ۽ بي عقلي جي ڪري

ان کي دنيا جي ڳالهه سمجهندا آهن، جيڪو شخص ماءُ، پيءُ، ٻارن ٻچن جي خدمت کان بي پرواهه ٿي دين جي تبليغ لاءِ نڪتو ته اهو گنهگار آهي. ها اگر انهن ذميدارين کان فارغ ٿي پوءِ تبليغ لاءِ وڃي ته اجازت آهي. الله وارن ۽ امت جي صالح ٻانهن جيڪو سڌو رستو ڏيکاريو آهي. انهي رستي ڏانهن ماڻهن کي سڏي ۽ پاڻ به انهي تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ جيڪي ماڻهو گڏ هلڻ تي آماده آهن ته انهن کان پڇي ته انهن تي شريعت جي ٻي ڪا ذميواري ته رهيل نه آهي. جيئن ته به گنهگار نه ٿين ۽ نه ئي ان جا رفيق گنهگار ٿين. باقي پاڙي وارن کي البت تبليغ ڪرڻ گهرجي ان جي لاءِ ڪو به شرط نه آهي. بلڪ اهو هڪ ديني فرض آهي.

**وما توفيق الا بالله. صدق الله العظيم**

ترجمون خير سان هڪ حقير جي هٿان اڄ عشاء نماز جي آذان جي وقت پورو ٿيو. الله تعاليٰ هر مومن مسلمان کي پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين ثم آمين بجاه سيد المرسلين صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه اجمعين.

11 جمادي الاخر سن 1420هه — فقير عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

مطابق 21 سيپٽمبر 1999ع — جامع مسجد پوليس لائين سانگهڙ (سنڌ)

---

**حوالو:** (1) تقليد بابت وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صاحب جن جو ڪتاب "تقليد" پڙهندا.



Shirkat-e-Islamia, Mirpurkhas

شرڪت اسلاميه ميرپورخاص

بيشڪ الله وٽ اسلام ئي دين آهي